# سنڌي وياڪرڻ

## (۴ ڀاڱا)

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو / حيدرآباد سنڌ

# سنڌي وياڪرڻ

## (چار ڀاڱا)

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ
جام شورو/حيدرآباد سنڌ
۱۴۱۳ھ/۱۹۹۲ع

ڇاپي جو پهريون ايڊيشن سال ۱۳۸۲ھ/۱۹٦۱ع — تعداد ۲۰۰۰ ڪاپيون
ڇاپي جو ٻيو ايڊيشن سال ۱۴۱۳ھ/۱۹۹۲ع — تعداد ۲۰۰۰ ڪاپيون

[سنڌي ادبي بورڊ جا سمورا حق ۽ واسطا قائم]

**قيمت: هڪ سؤ رپيا**
**[Price: Rs. 100-00]**

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو ڪتاب اسٽال
تاڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ
(جي-پي-او باڪس نمبر ۱۲)

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ سيد امداد حسيني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ آن ڪي ڇپائي پڌرو ڪيو.

## ڀاڱو ٽيون ٢١٩-١٦٥

● ديباچو

باب پهريون: مقدمو ١٦٧

باب ٻيو: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ان جي بناوت ١٧١

باب ٽيون: سنڌي ٻوليءَ جو سنسڪرت ۽ پراڪرت سان واسطو ١٨٧

باب چوٿون: سنڌي ٻاب ۽ حرف علت ۽ حرف صحيح ۽ اعراب ٢٠٠

باب پنجون: سنڌيءَ ۾ حرفن يا اکرن مان لفظ يا هڪڙن لفظن مان ٻيا لفظ ڪيئن ٿا جڙن ٢١٠

## علم صرف (ڀاڱو ٻيو) ٢٩٢-٢٢٠

باب پهريون: ڳالهائڻ جا لفظ ٢٢٠

باب ٻيو: اسم جو بيان ٢٢٣

باب ٽيون: اسم ضمير جو بيان ٢٣٤

باب چوٿون: اسم صفت جو بيان ٢٤٠

باب پنجون: اسم ظرف جو بيان ٢٤٢

باب ڇهون: اسم عدد جو بيان ٢٤٣

باب ستون: فعل جو بيان ٢٤٦

باب اٺون: زمانن جا قسم ٢٥٢

باب نائون: حرف جو بيان ٢٦٦

باب ڏهون: گرامر يا صرف نحو بابت ڪي ٻيون متفرق ڳالهيون ٢٧٠

### (ضميمه الف)

ڀاڱو پهريون: جدا جدا بابن مان سوال ۽ ڪتابي مثال مشق لاءِ ٢٧٦

ڀاڱو ٻيو: سوال ٢٨٠

مثال ۽ مشقون ٢٨٣

● ديباچو

## ڀاڱو چوٿون ٤٣٠-٢٩٣

### (ڀاڱو پهريون)

باب پهريون: علم بديع جي بيان ۾ ٢٩٥

باب ٻيو: علم عروض جي بيان ۾ ٣٢٨

باب ٽيون: قافيي جي بيان ۾ ٣٤٣

### (ڀاڱو ٻيو)

باب چوٿون: صنايع و بدايع جي بيان ۾ ٣٥٤

# ڇپائيندڙ پاران

ڪي ڪتاب اهڙا هوندا آهن، جيڪي نہ رڳو ڪڏهن پراڻا نہ ٿيندا آهن، بلڪ جيئن جيئن وقت لنگهندو ويندو آهي، تيئن تيئن انهن جي اهميت بہ وڌندي ويندي آهي:

وڪر سو وهاءِ، جو پئي پُراڻو نہ ٿئي

ورهاڱي کان اڳ سنڌي ٻولي تحقيقي توڙي تخليقي، ترجمي توڙي تعليمي لحاظ کان هڪ اهڙي معيار تي پهچي چڪي هئي، جو اسين اهو چئي سگهون ٿا، تہ سنڌي ٻولي جديد دور ۾ پير پائي چڪي هئي- ۽ سنڌي عالمن ۽ اديبن، شاعرن ۽ تعليمي ماهرن پاڻ ارپڻ واري جذبي سان ان ڏس ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو حيرت انگيز آهي- ۽ اڄ بہ لوهہ تي ليڪي وانگر آهي ۽ ان دعويٰ جو ثبوت مرزا قليچ بيگ جي هيءَ لاثاني تصنيف "سنڌي وياڪرڻ" آهي.

مان جڏهن بہ ٽيبل تي آڏو پيل ڪم مان ڪنڌ مٿي ڪندو آهيان، تہ بلڪل سامهون مرزا قليچ بيگ جي تصوير تي اکيون کُپي ونديون اٿم ۽ اٿاهہ اتساهہ پرجي ويندو آهي، پنهنجي ٻوليءَ ۽ ساهت لاءِ هر جوکي سان جهيڙڻ جو ساهس پرجي ويندو آهي منهنجي من ۾.

# سنڌي وياڪرڻ

(پاڱو پهريون)

## ”واڪ جون نشانيون“

(٣) هن چيو ته ”آءٌ اڄ ويندس“.

هن طرح جڏهن به ٻئي لفظ ھڪ ڳالھائيندڙ جا ساڳيا لفظ ٻيهر ڏيڻا هجن، تڏهن ٻنهي طرفن جي ٻاهران اهي نشانيون (” “) ڏيبيون آهن، جن کي ”واڪ“ جا نشان چوندا آهن. ”ٻاهرين“ يا اندريون ”واڪ“ جي نشانن اندر ڇاڻايا آهن.

مثلاً: ”چور جي ماءُ ڪنڊ ۾ روئي“.

## ”ڏنگيون ليڪون ( )“

(٤) جملي جي وچ ۾ ڪو ڌار ٽڪر (معني يا ٻيءَ ڳالهه بابت) ڇاڻائڻو هوندو، ته اهو ٻن ڏنگين ليڪن جي وچ ۾ رکبو آهي، جيئن هتي (معني يا ٻيءَ ڳالهه بابت) لفظ ڏنگين ليڪن جي وچ ۾ رکيا ويا آهن.

(٥) ڏنگين ليڪن ( ) بدران هي نشانيون [ ] به ڪم آڻبيون آهن، جن کي ”چورس ڪٽ“ چون ٿا.

## ضميمو: زمانن جي ورڇ، ڪرم جي حالت موجب.

| زمان<br>ذاتي پاڙ | Indefinite (Simple)<br>سادي صورت | <br>مدامي صورت | Continuous<br>استمراري يا چالو | Perfect<br>ڪامل يا پورڻ |
|---|---|---|---|---|
| ١ | ٢ | ٣ | ٤ | ٥ |
| حال | سيکاريو | سيکاريندو هوس | سيکاريان پيو ٿو (سرحد)<br>سيکاريان پيو<br>پيو سيکاريندو آهيان | مون سيکاريو آهي |
| ماضي | سيکاريان ٿو | سيکاريندو آهيان | سيکاريو پئي يا<br>سيکاريندو پيو هوس | مون سيکاريو هو |
| مستقبل | سيکاريندس | سيکاريندو هوندس<br>سيکاريندو رهندس | سيکاريندس پيو يا<br>سيکاريندو پيو هوندس | مون سيکاريو هوندو |

**اشارو:** چوٿون قسم Perfect Continuous، پر اهو گهڻو ڪم نٿو اچي. هيءُ ضميمو انگريزي گرامر سمجهڻ ۽ ترجمي ڪرڻ ۾ سهوليت ڪندو، تنهنڪري ڏنو ويو آهي.

# سنڌي وياڪرڻ

(ٻاگو ڀيو)

# ديباچو

هيستائين جيڪو سنڌي گرامر اسڪولن ۾ سيکارڻ ۾ پئي آيو آهي سو گهڻو ڪري فقط علم صرف آهي، جو اوائل کان عربي صرف جي نموني تي لکيو ويو هو، ۽ علم نحو جو منجهس فقط اشارو هوندو هو. هاڻ ٿورن ڏينهن کان انهيءَ ۾ جملن جو ڇيد شامل ڪيو ويو آهي، جو نحو جو ڀاڱو آهي، مگر اهو تمام مختصر آهي ۽ نحو جا ڪي به قانون ڏيڻ ۾ نه آيا آهن. علم نحو ۾ گهڻوئي ڪي داخل آهي جيئن ته، لفظن جي بناوت، جملن جي بناوت، انهن جي تقسيم ۽ تربيت، تفريق، اشتقاق، اصطلاح، عروض، علمي صنعتون، جي سڀ خوش بياني، خوش ڪلامي، عبارت آرائي، مضمون نويسي، فصاحت، بلاغت ۽ حجت دليل لاءِ نهايت ضروري آهن. هڪڙو عربي پهاڪو آهي ته "آلنحوفي الڪلام ڪا لمِلح في الطعام"، يعني ڪلام ۾ نحو اهڙو آهي، جهڙو طعام ۾ لوڻ! يعني انهيءَ کان سواءِ ڪلام ڦڪو ۽ بيسواد آهي ۽ نحو سان سلوڻو ۽ لذيذ آهي. تنهنڪري ڪن دوستن جي صلاح سان، مون عربي، فارسي ۽ انگريزي نحو جي گڏيل نموني تي هيءُ سنڌي نحو جو ڪتاب لکيو آهي، جو اميد آهي ته جهڙو علم پڙهندڙن لاءِ تهڙو خاص سنڌي ۽ انگريزي اسڪولن جي مٿين درجن، ۽ ٽريننگ ڪاليج جي شاگردن لاءِ تمام گهڻو ڪمائتو ٿيندو. پڇاڙي ۾ هرهڪ باب تي سوال ۽ مشقون به ڏنيون ويون آهن ۽ جوابن جا ضميما به شامل ڪيا ويا آهن.

جون ١٩١٦ع
حيدرآباد

قليچ بيگ

**مرڪب:** مرڪب لفظ ٻن يا وڌيڪ ڀاڱن مان ٺهيل هجي ۽ هر هڪ ڀاڱي جي ڪا ڌار معنيٰ آهي ۽ انهن مان انهيءَ لفظ جي گڏيل معنيٰ ٺهي ٿي.

مثلاً لفظ مڪان مفرد لفظ آهي. انهيءَ جي ٽڪرن ”مڪ ۽ آن“ جي معني ڪانهي، پر جي هجي ته به انهيءَ جو مڪان لفظ جي معنيٰ سان ڪوبه واسطو ڪونهي. ’خير خواه‘ مرڪب لفظ آهي جنهن جا ٻه ڀاڱا ”خير ۽ خواه“ معنيٰ رکن ٿا ۽ انهن جي گڏيل معنيٰ انهيءَ لفظ جي سڄي معنيٰ ٿي ڏيکاري يعني سچو دوست يا ڀلي گهرڻ وارو. ڪڏهن ڪڏهن مرڪب لفظ آهن جي گهڻي ڪم اچڻ ڪري ڇانگجي ”مخفف“ يا هلڪا ٿي پيا آهن ۽ ”مفرد“ پيا ڏسجن. جيئن ته شهنشاه، جو اصل هو شاهان شاه يا شاهه شاهان، يعني بادشاهن جو بادشاه.

——•——

(٣) جملو: 'جو ماڻهو سچ ڳالهائيندو آهي، تنهن کي سڀ عقل وارا حد کان وڌيڪ چاهيندا آهن'.

| قسم جملي جو | مبتدا | | خبر | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | فاعل | متعلق | فعل | متعلق | مفعول | متعلق |
| مرتب - موصولو<br>(جو ۽ تنهن ضمير<br>موصول هئڻ سبب) | ماڻهو<br>جو | سڀ ،<br>عقل وارا<br>„ | چاهيندا<br>آهن<br>ڳالهائيندو<br>آهي | حد کان<br>وڌيڪ<br>„ | تنهن کي<br>سچ | „<br>„ |

(٤) 'جيڪڏهن جهان جا بادشاهه، اهڙي سنگدليءَ سان شيطاني ظلم ڪندا، تہ سگهوئي پنهنجا مُلڪ هٿان وڃائيندا'.

| قسم جملي جو | مبتدا | | خبر | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | فاعل | متعلق | فعل | متعلق | مفعول | متعلق |
| مرتب - شرطيہ | بادشاهہ | جهان جا | ڪندا | اهڙي<br>سنگدليءَ<br>سان | ظلم | شيطاني |
| جيڪڏهن ۽ تہ<br>حرف شرط هئڻ سبب | هو (ڳجهو) | „ | وڃائيندا | سگهوئي<br>هٿان | ملڪ | پنهنجا |

# سنڌي وياڪرڻ

(ڀاڱو ڏيون)

# ديباچو

علم جي تحصيل لاءِ هيٺين علمن جو ڄاڻڻ ضرور آهي: علم صرف، علم نحو، علم بديع، علم عروض، علم قوافي، علم بيان، علم منطق، علم معاني ۽ علم مناظره. انهن مان صرف ته عام آهي ۽ سڪڻن، مدرسن ۽ اسڪولن ۾ شاگردن کي سيکاربو آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ 'گرامر' ۽ هنديءَ ۾ 'وياڪرڻ' سڏيندا آهن. علم نحو به مختصر طرح صرف سان گڏ سيکاربو آهي، مگر نحو جي لاءِ ڌار مفصل ڪتاب اڳي ڪونه هو، جو مون لکيو آهي ۽ انهيءَ جي پوئين باب ۾ انهن ٻين مٿين علمن جو مختصر بيان ڏنو اٿم، جو نحو جو انهن سان واسطو هو. منطق جو ڪتاب به سنڌيءَ ۾ منهنجي پاران جو لکيل آهي. هن ڪتاب ۾ علم بديع جو مفصل بيان آهي، جنهن ۾ نثر ۽ نظم جا قسم صنايع لفظي ۽ معنوي آندل آهن ۽ علم عروض ۽ علم قوافيءَ جو بيان مفصل طرح ڏنو ويو آهي. انهن علمن تي ڪو خلاصو ڪتاب اڳي سنڌي ۾ ڪونه هو. مون ڪوشش ڪري فارسي ڪتابن مان ضروري مضمون ڪڍي هتي گڏ ڪيا آهن ۽ سڀ مثال پنهنجا جوڙي يا پنهنجن ڪتابن مان ڪڍي ڏنا آهن. جيڪي مثال ٻين ڪتابن مان ملي سگهيا آهن سي به ڏنا ويا آهن. اميد آهي ته سنڌي پڙهندڙن کي گهڻو فائدو ٿيندو.

معلوم هجي ته مٿين علمن کي ڪي قديم استاد علم بديع سڏيندا آهن، جنهن جي واقفيت مان فصاحت ۽ بلاغت حاصل ٿيندي آهي. فصاحت لفظن سان تعلق ٿي رکي ۽ بلاغت معنيٰ سان. فصاحت ۽ بلاغت مان ڪلام يا عبارت جو حسن ظاهر ٿئي ٿو ۽ انهيءَ لاءِ مٿين علمن جو ڄاڻڻ ضروري آهي.

مئي ١٩٢٠ع،
حيدرآباد

-قليچ بيگ

٢. ڪبير صاحب جا دهرا، جنهن ۾ عربي فارسي لفظ آهن.

”ديـن گنوايـو دُني سي دُني نـہ آيـو سـاٿ،
پيـر ڪهاڙي مـاريـو، گافِل اپـنـي هـاٿ.
”ڪبير“ سرير سراءِ مَتي، ڪيون سوئي سُک چين،
ڪوچ نـگارا سانس ڪا، بـاجت هَي دن رَين.“

٣. گرو نانڪ صاحب جو دهرو:

”ساس ماس سب جيئو تمهارا، لوهي کهرا پيارا،
”نانڪ“ شاعراهو ڪَهت هئي سچي پـروردگـارا.“
وارن جائون ان ايڪ بار،
تو سدا سلامت جي نرنڪار.

٤. بابا تلسيداس جو دهرو:

”مـايـا“ ڪو مـايـا ملـي، ڪر ڪر لمبي هاٿ،
”تلسيداس“ گريب ڪو، ڪوئي نہ پوڇي بات.“

٥. شاهہ عبدالڪريم جو دهرو:

”هنيون ڏجي حبيب کي، لڳـہ ڪـڏجـن لوڪ،
ڪُنڌيـون ۽ ڪروتـون، اي پـڻ سـگهـر ٿـوڪ.
مُٺ پـيـڙيـائـي پـلـي، آپـڻـيـن تـہ واهہ،
جِہ پڌر وڏيئہ ڳالهڙي، تـہ چـڏي وڃي ساهہ.“

٦. شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو دهرو:

”بيت نـہ ڀانئجہ سـالـهـسـا، هي آيتون آهـيـن،
وڃئون اوُن لائين، پـريـان سـنـدي پـار ڏي.“

گهڻن مصراعن وارا بيت:

”اڻ چـونـدن ڪيم جڳ، چونـدن چـيـو وسـار،
الـٽـي پٿـهـر ادب سـيـن، پـر اهـائـي پـار،
پـابـو مٿهن مڱونـن ۾، غـريـت سـاڻ گـذار،
سـفـتـي منجهہ وهـار، تـہ قاضي ڪانيارو نـہ ٿين.“

٧. مخدوم عبدالصمد جو شعر ”بيان العارفين“ مان:

”هائي هنيان پوءِ تون سو ڪري بيانا،
تہ جڏهن رسالو فارسي آهي ڪنڌس تماما،
تڏهن مشهور نہ رهندو مخفي طالبن ڪنا،
سڀئي سچاروُن پير پير جون قول ۽ فعلا،
پرناهہ ڪنهن ڪي ياد ڪي منجها عامنيا.“

٨. مخدوم ابوالحسن جي سنڌيءَ مان ڏهرا:

”هاڻ سڻ سچاڻ تون هيئي جي ڪنن،
تہ صحيح پڇبو سيڪو ڪارڻ ٻاڻ ڪمن،
پر پيچ پهرين قيام ڏينهن، وحدت ڏٺيان پوءِ،
تيندي صحيح صلوات جي، شڪ مَ پائي ڪوءِ.“

٩. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي مداح مان:

”آهيان ڏڏ، غمن ڳڏ، سچا سڏ مٿين تون،
پسي پاڻ، ڪرم ماڻ، ڏکيا ڏاڻ ڏئين مون.
لنگهيا لڪ، لٿا شڪ، هلي حق ڳڏياسون،
۽ في الحال، منجهہ وصال، اچي محب ملياسون.“

١٠. جمن چارڻ جي مداح مان:

”فرزند تون حسنين جو، سائل آهي تنهن تلقين جو،
درگهہ مٿي دن رين جو، اوجر مگان عينين جو،
دارو تٿي دارين جو، يا پير پيران بادشاهہ.“

١١. سچل فقير جو سرائڪي ڏوهيڙو:

”خيال بزرگي ڏهون نہ ميرا نامنگان مخدومي،
ناوت پير مشائخ ٿيو سي، ناوت ناڻو نجومي،
دعوت دي داڙي نہ سکيو مي، ناوت علم رسومي،
ناوت هندي، سنڌي، شامي، ناوت زنگي، رومي،
”سچو“ ڪٿ نهين ڪوئي پيدا هوندا وچ معدومي.“

# باب چوٿون

## سنڌي باب ۽ حرف علت ۽ حرف صحيح ۽ اعراب

### فصل پهريون

### سنڌي باب

باب يا الف-بي، جنهن کي عربي ۽ فارسيءَ ۾ حروف تهجي ۽ هنديءَ ۾ آئيوڻا چون ٿا، سا سنڌي ٻوليءَ جي 'عربي سنڌي' صورت ۾ هاڻي هن طرح لهرايل آهي:

| نالو | اکر | منڍ | وچ | پڇاڙي |
| --- | --- | --- | --- | --- |
| الف | ا | ا | ـا | ـا |
| بي | ب | بـ | ـبـ | ـب |
| ٻي | ٻ | ٻـ | ـٻـ | ـٻ |
| ڀي | ڀ | ڀـ | ـڀـ | ـڀ |
| تي | ت | تـ | ـتـ | ـت |
| ٿي | ٿ | ٿـ | ـٿـ | ـٿ |
| ٽي | ٽ | ٽـ | ـٽـ | ـٽ |
| ٺي | ٺ | ٺـ | ـٺـ | ـٺ |
| ثي | ث | ثـ | ـثـ | ـث |
| پي | پ | پـ | ـپـ | ـپ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڦي | ڦ | ڦـ | ـڦـ | ـڦ |
| جيم | ج | جـ | ـجـ | ـج |
| ڄي | ڄ | ڄـ | ـڄـ | ـڄ |
| جهي | جه | جهـ | ـجهـ | ـجه |
| ڃي | ڃ | ڃـ | ـڃـ | ـڃ |
| چي | چ | چـ | ـچـ | ـچ |
| ڇي | ڇ | ڇـ | ـڇـ | ـڇ |
| حي | ح | حـ | ـحـ | ـح |
| خي | خ | خـ | ـخـ | ـخ |
| دال | د | د | ـد | ـد |
| ڌال | ڌ | ڌ | ـڌ | ـڌ |
| ڏي | ڏ | ڏ | ـڏ | ـڏ |
| ڊي | ڊ | ڊ | ـڊ | ـڊ |
| ڍي | ڍ | ڍ | ـڍ | ـڍ |
| ذال | ذ | ذ | ـذ | ـذ |
| ري | ر | ر | ـر | ـر |
| ڙ | ڙ | ڙ | ـڙ | ـڙ |
| زي | ز | ز | ـز | ـز |
| سين | س | سـ | ـسـ | ـس |
| شين | ش | شـ | ـشـ | ـش |
| صاد | ص | صـ | ـصـ | ـص |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ضاد | ض | ضـ | ـضـ | ـض |
| طوءِ | ط | طـ | ـطـ | ـط |
| ظوءِ | ظ | ظـ | ـظـ | ـظ |
| عين | ع | عـ | ـعـ | ـع |
| غين | غ | غـ | ـغـ | ـغ |
| فِي | ف | فـ | ـفـ | ـف |
| قاف | ق | قـ | ـقـ | ـق |
| ڪاف | ڪ | ڪـ | ـڪـ | ـڪ |
| کي | ک | کـ | ـکـ | ـک |
| گاف | گ | گـ | ـگـ | ـگ |
| ڳي | ڳ | ڳـ | ـڳـ | ـڳ |
| گهي | گھ | گھـ | ـگھـ | ـگھ |
| ڱي | ڱ | ڱـ | ـڱـ | ـڱ |
| لام | ل | لـ | ـلـ | ـل |
| ميم | م يا م | مـ | ـمـ | ـم يا ـم |
| نون | ن | نـ | ـنـ | ـن |
| ڻي | ڻ | ڻـ | ـڻـ | ـڻ |
| واو | و | و | ـو | ـو |
| هي | ه | هـ | ـهـ | ـه |
| يي | ي | يـ | ـيـ | ـي |

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | [illegible] | الف | ١ | ل | [illegible] | لامد | ٣٠ |
| ب | [illegible] | بيت | ٢ | م | [illegible] | ميم | ٤٠ |
| ج | [illegible] | كمل | ٣ | ن | [illegible] | نون | ٥٠ |
| د | [illegible] | دالد | ٤ | س | [illegible] | سامخ | ٦٠ |
| ه | [illegible] | هي | ٥ | ع | [illegible] | عين | ٧٠ |
| و | [illegible] | واو | ٦ | ف | [illegible] | في | ٨٠ |
| ز | [illegible] | زاين | ٧ | ص | [illegible] | صيدي | ٩٠ |
| ح | [illegible] | حيته | ٨ | ق | [illegible] | قوف | ١٠٠ |
| ط | [illegible] | طيته | ٩ | ر | [illegible] | ريش | ٢٠٠ |
| ي | [illegible] | يود | ١٠ | ش | [illegible] | شين | ٣٠٠ |
| ك | [illegible] | كاف | ١١ | ت | [illegible] | تاو | ٤٠٠ |

جيئن صغيري ڏيکارڻ لاءِ پڇاڙيءَ ۾ 'ڪ' يا منڍ ۾ 'ڪهه' ڪم آئيندا آهن، تيئن وڏائي ڏيکارڻ لاءِ منڍ ۾ 'ميهه' آئيندا آهن، جيئن ڪيهتر-مهتر. سنڌيءَ ۾ يا هندستانيءَ ۾ ميهتر چوڻ پنگيءَ کي، پر حقيقت ڪري معنيٰ آهي ڪيهتر. ميهستي، ميهمان.

عدد سان گڏيل مثال هي آهن- پيهڙي، چوماسو، ٻارهن ماسي، پنج ڪلياڻ.

ٻيا متفرق مثال هي آهن- ٿورَ وبرمو، پيٽو، چوڏَرو.

سنڌيءَ ۾ گهڻائي مرڪب لفظ آهن، جي عربي ۽ فارسي لفظن مان جڙيل آهن. ڪي مُنڍ جي نشانن گڏڻ سان، ڪي پڇاڙيءَ جي نشانن گڏڻ سان، ڪي ٻن علحدن لفظن گڏڻ سان، جن مان ڪي اسم آهن، ڪي صفت آهن، ڪي فعل آهن. پر انهن جو مفصل بيان علم لحو ۾ ڏنو ويندو، جتي حرفن جي، لفظن جي ۽ جملن جي علحدن علحدن قسمن جو ذڪر ڪيو ويندو. هتي مثال ۽ نموني لاءِ اهڙا ڪي لفظ ڏجن ٿا: باوفا، بي وفا، باهنر، بي هنر، آمدرفت، خريد فروخت، روبرو، غمگين، شرمندو، پرهيزگار، هندستان، سنگدل، غريب پرور، قلمدان، عالمگير، فتنه انگيز، همعصر، نااميد، ڪم فهم، شاعرانو، شاهانو، تماشه گاه، تماشه بين، خيرخواه، دلبر ۽ دلدار وغيره.

حرف ندا: اهو لفظ آهي، جو ڪنهن به ٻئي لفظ سان واسطو ڪونه ٿو رکي، الڳ اچي ٿو ۽ عجب يا افسوس يا ڏک يا خوشي يا ڪا ٻي دل جي حالت ڏيکاري يا سڏ ڪرڻ ۾ ڪم اچي ٿو، جيئن ته واه، هاءِ، واءِ، هيّ هيّ، شال، مار، اي، اڙي، او وغيره.

مٿي لفظن جي ڀن قسمن جي تقسيم مان معلوم ٿيندو ته عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب ضمير، صفت ۽ ظرف اسم هيٺ اچي وڃن ٿا، ۽ حرف جر، جملو ۽ ندا، حرف هيٺ اچي وڃن ٿا، تنهنڪري عربي ۽ فارسيءَ واري تقسيم اصول موجب پوري آهي. هاڻي اسين هرهڪ جو مفصل بيان ڏينداسين.

هرهڪ جي تقسيم ۽ تفصيل عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب ڏينداسين ۽ هاڻوڪي تقسيم موجب جيڪو فرق هوندو سو به ڏيکاريندا ويندا سين.

# ٻاب ڏهون

## اسم ضمير جو بيان

ضمير ستن قسمن جا آهن: (١) ضمير خالص، (٢) ضمير اشارو، (٣) ضمير مشترڪ، (٤) ضمير استفهام، (٥) ضمير موصول، (٦) ضمير جواب موصول ۽ (٧) ضمير مبهم.

---

### فصل پهريون

#### ضمير خالص

ضمير خالص ٽي آهن: متڪلم، حاضر ۽ غائب. متڪلم يعني ڳالهائيندڙ، حاضر يا مخاطب، جنهن سان ڪي ڳالهائجي، ۽ غائب جنهن جي بابت ڪي ڳالهائجي. اهي ٽيئي نج ضمير آهن ۽ فقط انسان سان لاڳو آهن، تنهنڪري انهن کي ضمير خالص ٿا چون. آهي مٿين ٽن قسمن جي ماڻهن جي بدران ڪم ايندا آهن ۽ اسمن وانگي، جنس، عدد ۽ حالت وٺندا آهن، ۽ ڦرندا آهن.

ضمير متڪلم جو ڦيرو:

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| حالت فاعلي | آءٌ يا مان | اسين |
| حالت مفعولي | مون کي يا مان کي | اسان کي |
| حالت اضافت | منهنجو | اسان جو |
| حالت جري | مون کان يا مان کان | اسان کان |

# فصل ٽيون

## زمانن جا گردان ۽ ٻيا قيرا

### (١) فعل معاون جو گردان ـ مصدر هئڻ

زمان حال (مذڪر ۽ مؤنث)

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم | آءٌ آهيان | اسين آهيون |
| ضمير حاضر | تون آهين | توهين آهيو |
| ضمير غائب | هُو آهي | هُو آهن |

زمان ماضي مطلق

مذڪر

| | | |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ هوس | اسين هئاسين |
| حاضر | تون هئين | توهين هئو |
| غائب | هُو هو | هُو هئا |

مونث

| | | |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ هيس | اسين هيونسين |
| حاضر | تون هئينءَ | توهين هيون |
| غائب | هوءَ هئي | هُو هيون |

زمان مستقبل

مذڪر

| | | |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ هوندس | اسين هونداسين |
| حاضر | تون هُوندين | توهين هوندؤ |
| غائب | هُو هُوندو | هُو هوندا |

مونث

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ هونديس | اسين هونديونسين |
| حاضر | تون هوندينءَ | توهين هونديون |
| غائب | هوءَ هوندي | هُو هونديون |

زمان مضارع
مذڪر ۽ مونث لاءِ

| | | |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ آهيان يا هجان | اسين هئون يا هجون |
| حاضر | تون هوئين يا هجين | توهين هوئو يا هجو |
| غائب | هو هوءَ يا هجي | هو هوئن يا هجن |

(٢) فعل متعدي جو گردان ـ مصدر لکڻ
زمان مضارع
مذڪر ۽ مونث لاءِ

| | | |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ لکان | اسين لکون |
| حاضر | تون لکين | توهين لکو |
| غائب | هو لکي | هو لکن |

زمان حال

مذڪر

| | | |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ لکان ٿو | اسين لکون ٿا |
| حاضر | تون لکين ٿو | توهين لکو ٿا |
| غائب | هو لکي ٿو | هو لکن ٿا |

مونث

| | | |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ لکان ٿي | اسين لکون ٿيون |
| حاضر | تون لکين ٿي | توهين لکو ٿيون |
| غائب | هوءَ لکي ٿي | هو لکن ٿيون |

زمان حال استمراريءَ ۾، "ٿو" جي بدران "پيو" ۽ "پيا" ۽ "ٿي" جي بدران "پئي" ۽ "پيون" وجهو.

زمان ماضي شرطيہ ۾، مذڪر ۽ مونث لاءِ مضارع جي پٺيان "ها" وجهو.

زمان مستقبل

مذڪر

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ لکندس | اسين لکنداسين |
| حاضر | تون لکندين | توهين لکندؤ |
| غائب | هو لکندو | هو لکندا |

مونث

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ لکنديس | اسين لکنديونسين |
| حاضر | تون لکندينءَ | توهين لکنديون |
| غائب | هوءَ لکندي | هو لکنديون |

مستقبل استمراريءَ لاءِ مذڪر واسطي "پيو" ۽ "پيا" وجهو ۽ مونث واسطي "پئي" ۽ "پيون".

زمان حال مدامي

مذڪر

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ لکندو آهيان | اسين لکندا آهيون |
| حاضر | تون لکندو آهين | توهين لکندا آهيو |
| غائب | هو لکندو آهي | هو لکندا آهن |

مونث

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ لکندي آهيان | اسين لکنديون آهيون |
| حاضر | تون لکندي آهين | توهين لکنديون آهيو |
| غائب | هوءَ لکندي آهي | هو لکنديون آهن |

## زمان ماضي مدامي

### مذڪر

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ لکندو هوس | اسين لکندا هئاسين |
| حاضر | تون لکندو هئين | توهين لکندا هئو |
| غائب | هو لکندو هو | هو لکندا هئا |

### مونث

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ لکندي هُيَس | اسين لکنديون هيونسين |
| حاضر | تون لکندي هئينءَ | توهين لکنديون هيون |
| غائب | هوءَ لکندي هئي | هُو لکنديون هيون |

## زمان حال متشڪي

### مذڪر

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ لکندو هوندس | اسين لکندا هونداسين |
| حاضر | تون لکندو هوندين | توهين لکندا هوندؤ |
| غائب | هو لکندو هوندو | هو لکندا هوندا |

### مونث

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ لکندي هونديس | اسين لکنديون هونديونسين |
| حاضر | تون لکندي هوندينءَ | توهين لکنديون هونديون |
| غائب | هوءَ لکندي هوندي | هو لکنديون هونديون |

## (٣) فعل لازميءَ جو گردان ـ مصدر ٽِڪڻ

مذڪر

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ ٽڪيُس | اسين ٽڪياسين |
| حاضر | تون ٽڪئين | توهين ٽڪيؤ |
| غائب | هو ٽڪيو | هو ٽڪيا |

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ ٽڪيس | اسين ٽڪيونسون |
| حاضر | تون ٽڪينءَ | توهين ٽڪيون |
| غائب | هوءَ ٽڪي | هنُو ٽڪيون |

### زمان ماضي قريب

مذڪر

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ ٽڪيو آهيان | اسين ٽڪيا آهيون |
| حاضر | تون ٽڪيو آهين | توهين ٽڪيا آهيو |
| غائب | هو ٽڪيو آهي | هو ٽڪيا آهن |

مونث

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ ٽڪي آهيان | اسين ٽڪيون آهيون |
| حاضر | تون ٽڪي آهين | اوهين ٽڪيون آهيو |
| غائب | هوءَ ٽڪي آهي | هنُو ٽڪيون آهن |

### زمان ماضي بعيد

مذڪر

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آءٌ ٽڪيو هوس | اسين ٽڪيا هئاسين |
| حاضر | تون ٽڪيو هوئين | توهين ٽڪيا هئؤ |
| غائب | هو ٽڪيو هو | هو ٽڪيا هئا |

اسم مفعول جو نشان ”يو“ سنسڪرت جي ”تُوا“ ۽ ”يا“ مان آهي، جو پراڪرت ۾ ”تُون“ يا ”اون“ يا پڇاڙيءَ ”اِ“ مان آهي.

مضارع جو نشان غائب جمع جو ”آن“ سنسڪرت جي ”آتِ“ ۽ ”آنتِ“ مان آهي، ۽ فارسيءَ ۾ ”اند“ آهي. ۽ متڪلم جو نشان ”آن“، سنسڪرت ”آمِ“ ۽ پراڪرت ”آمو“ مان آهي، جو فارسيءَ ۾ ”آم“ ۽ جمع ۾ ”ايم“ آهي.

ماضين جو پڇاڙيون يا نشان ٻه سنسڪرت ۽ پراڪرت تان ورتل آهن، جيئن ته متڪلم واحد جو نشان ”آس“، سنسڪرت جي ”آسم“ ۽ پراڪرت جي ”آمهيه“ مان آهي ۽ جمع ۾ سنسڪرت جو ”سُماهِ“ ۽ پراڪرت ”آمهو“ بدلائي ”سين“ ۽ ”سُون“ ڪيو ويو. ۽ حاضر ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت جو ”آسِ“ نشان سنڌيءَ ۾ ”آهيه“ يا ”ئِي“ ڪيو ويو.

مستقبل جو نشان سنڌيءَ ۾ ٻيءَ طرح مان نڪتو آهي، سنسڪرت ۽ پراڪرت مان ڪابه موافقت نٿو رکي.

زمان حال جو نشان ”ٿو“، سنسڪرت ”سٿ“ مان آهي، جنهن جي معني آهي بيٺي. آءٌ ڏسان ٿو = آءٌ بيٺي ڏسان ٿو.

فعل مان معاون جو امر ”هو“ جو هئڻ مان آهي، سو سنسڪرت ”ڀُو“ مان آهي، جو پراڪرت ۾ ”آڇيِّہ“ ۽ فارسيءَ ۾ ”بُو“ آهي، جنهن جي ٻي صورت ”باش“ آهي.

مان گهڻا آهن، جن لاءِ عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب ٻيا نالا ڏنل آهن، جي انهن جي ڏيکاريل معني موجب آهن. هنن جو ذڪر علم نحو سان تعلق ٿو رکي ۽ آتي ڪيو ويندو. هتي فقط مثال لاءِ ڪي ڏجن ٿا. جيئن مٿي چيو ويو ته سواءِ، ڌارا، مگر وغيره، جي حرف جر آهن، تن کي عربيءَ ۾ "حرف استثنا" ٿا چون. هاءِ، واءِ وغيره کي "حرف افسوس" ٿا چون، واه، شاباس وغيره کي "حرف تعجب يا حرف تحسين"، جي، جيڪڏهن، اگر وغيره کي "حرف شرط"، جو، سندو کي "حرف اضافت"، ۽ کي "حرف عطف"، ته "حرف علت"، ڇا، ڇو، کي "حرف استفهام"، نه، مَ کي "حرف انڪاري يا حرف نفي"، جيئن، وانگي، مثل وغيره کي "حرف تشبيهه"، شال يا شل، مر، ڀلي کي "حرف تمنا" ڇاڪان ته، سو، ڪونه وغيره کي "حرف تعطيل" ۽ خبردار، چيت وغيره کي "حرف تنبيه".

اهڙيءَ طرح ڪيترائي ٻيا لفظ آهن، جي دل جي جدا جدا حالت يا جدا جدا معني ٿا ڏيکارين، جن جا جدا جدا نالا آهن، ۽ جن جو ذڪر نحو ۾ ايندو.

عام اشارو: ياد ڪرڻ گهرجي تہ جدا جدا ڳالهائڻ جي لفظن جي ترڪيب ۾ هيٺيون ڳالهيون ضروري آهن:

اسم- اسم عام يا خاص يا ڪو ٻيو، جنس مذڪر يا مونث، عدد واحد يا جمع، حالت فاعلي يا ٻي فاعل فعل فلاڻي جو، اضافت ۾ مضاف آهي تہ سندس مضاف اليہ ڪهڙو، جريءَ ۾ سببان ڪنهن حرف جر جي، جو ڏيکارجي.

ضمير جي ترڪيب بہ اسم وانگي: قسم، جنس، عدد، حالت.

صفت- درجو، سندس موصوف ڪهڙو آهي، يا لڳي ٿو فلاڻي اسم سان. (ضميري صفت بہ هن ۾ آئي).

فعل- فعل جو قسم معروف يا مجهول باقاعدي يا بيقاعدي، پورو يا اڻپورو، پريوگ، زمان، جنس.

عدد، ضمير (فاعل وارا)- سندس فاعل ۽ متعدي جي حالت ۾ مفعول فلاڻو.

ظرف- ظرف جو قسم، ڪهڙي فعل سان ٿو لڳي، يا ظرف تميز لڳي ٿو فلاڻي صفت سان.

حرف- حرف جر لڳي ٿو فلاڻي اسم سان. حرف جملو ڳنڍي ٿو يا ڌار ڪري ٿو فلاڻن اسمن کي. حرف ندا لڳي ٿو فلاڻي اسم سان، يا عجب وغيره ڏيکاري ٿو.

# سنڌي وياڪرڻ

## (ڀاڱو چوٿون)

# ديباچو

هيٺين درجن ۾ پڙهائڻ لاءِ سنڌي گرامر، يعني صرف نحو يا وياڪرڻ اڳيئي لکيل آهي، پر اسڪولن جي مٿين درجن لاءِ، توڙي ڪاليجن جي شاگردن ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ زياده اڀياس ڪرڻ لاءِ وڏو گرامر ڪونه هو ۽ انهيءَ جي گهٽي گهرج هئي. تنهن کان سواءِ، هيٺين درجن واري گرامر ۾ فقط صرف آهي، پر نحو ۽ اشتقاق فقط نالي جو آهي. گرامر جي ٻين شاخن ۽ مشڪل ڀاڱن جو ته اصل ذڪر ئي ڪونهي. تنهنڪري ڪن دوستن جي چوڻ تي، مون هي وڏو گرامر يا صرف نحو جو ڪتاب لکيو آهي. هن ڪتاب جي پڙهڻ لاءِ سمجهڻ گهرجي ته پڙهندڙن ننڍو گرامر اڳيئي پڙهيو آهي، تنهنڪري ٻارن کي سمجهائڻ لاءِ ڀرپور مثال ڏيئي، پوءِ گرامر جي وصفن ۽ قاعدن جو ٻڌائڻ جو رستو ڇڏي ڏنو ويو آهي.

هيءَ ڪتاب ٽن ننڍن ڪتابن ۾ ورهايو ويو آهي: پهرئين ڪتاب ۾ علم املاء، يعني حرفن جو علم ۽ اشتقاق يعني لفظن جي بنياد جو علم ۽ علم صرف يعني لفظن جي تقسيم ۽ ڦيرڦار جو علم ڏنو ويو آهي. ٻئي ڪتاب ۾ علم نحو، يعني جملن جو علم ڏنو ويو آهي؛ ۽ ٽئي ڪتاب ۾ علم عروض ۽ علم قافيي، يعني شعر جي وزن ۽ قافيي جو بيان، پنهنجن ٺاهيلن مثالن سميت ڏنو ويو آهي ۽ علم بديع يعني لفظن ۽ معنوي صنعتون، جي عبارت آرائيءَ ۽ فصاحت ۽ بلاغت ۾ ڪم اچن ٿيون، تن جو بيان پنهنجن ٺاهيلن مثالن سميت ڏنو ويو آهي.

جڏهن سنڌي ٻولي اصلي سنسڪرت ۽ پراڪرت مان نڪتل آهي ۽ عربي ۽ فارسي لفظ منجهس گهڻا آهن، تڏهن انهيءَ جو مورو تاريخي احوال ۽ انهن ٻولين سان واسطو، علم صرف ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ۽ علم صرف جي ترتيب، عربي ۽ فارسي صرف نحو موجب، ۽ هاڻوڪي انگريزي رواجي دستور موجب ڏنو ويو آهي، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ هرهڪ باب جي مضمون بابت سوال وڌا ويا آهن، ۽ مشقون ۽ مثال ٻه ڏنا ويا آهن. اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي زياده تعليم ۽ تحصيل لاءِ هيءَ ڪتاب گهڻو ڪمائتو ٿيندو.

**قليچ بيگ**

فيبروري، ١٩٢١ع

حيدرآباد

عرض آڳي ڪي ڪري هر هر ڪنيو هٿڙا ٻني،
آڻ پرڏيهيءَ پياري، سربسر سائي سلام.

مرتبي آهنجي نه ساڀن سوکڙيون تحفا سڀئي،
جي ڏيان ڪي آڪ تطاري، سربسر سائي سلام.

چا ڏيان، ڏوريان نهاريان، چا مڃوان محبوب ڏي،
پريتءَ سان جو قول پاري، سربسر سائي سلام.

هر مڱڪم ڪو قدر تن مان، ڪج ڪرم سين سو قبول،
پال پاپان تي پلاري، سربسر سائي سلام.

مرڪي آهن جي اسان مؤ سلام آن ڏي ڏنا،
سي لکيم هن خط ڪناري، سربسر سائي سلام.

فکر "فاضل شاهہ" تسان لاهين لياقت لطف سان،
ڪر صفا سيڏ سنواري، سربسر سائي سلام.

قصيدو هجويہ، "ديوان فاضل" مان

(جنهن ۾ وقت جي شاعرن جا نالا آهن.)

سڏائي سخن جي خيانت صفائي،
سخن گو سيائو ڪنڏائي ڪنڄائي.

اندر شعر جي مرد مضبوط 'محڪم'،
الهيءَ ڪي عيان تي الائي سٺائي.

تشابه نہ تن وٽ سندي سخن آهت،
سخن تي جنهين صاف همت هلائي.

مٺي دين 'محڪم'، سنگت ساڻ سالم،
الهن ڪي نہ آهي عداوت الائي.

پون پن اهي سيڏ مردود مفسد،
پڻن جي رکي پيلهہ پر پر پيائي.

فضيلت سوا ڪير 'فاضل' ٿئي تو،
ادا عاريت علم جي سچ اجائي.

ہ 'خورشيد' خو آدمي ڪو ٿئي هڏ،
نہ 'علوي' صفت اي لهي سچ سمائي.

ٻـوي ٻـوءِ ڪـامـڻ ڇـڄـڻ جـي ٻَهر،
توڙي ڪو ٻڇي ٿو اندر دل ۾ داڳـ.
جاڳيءَ جـو مـٿو، دل ڏيٺي رب کي،
ٻلي سو سمجهي، ”گل“ منٿون جنهن سڀاڳـ.

*

(”دَيوان فاضل“ مان)

منجهه اندر ٿي آڳ آڻي، ٻَهر نڪري ڪين ٻاڦ،
جوش ۾ ٿي جـان ڦاٽي، ٻَهر نڪري ڪين ٻاڦ.

درد ۾ دل دردمندڻ جي جلي، منجهه جوش جند،
چـر وڏي چيري چـراڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.
هانوَ هڏ چم ساڻ اڳـرا، سڀ سجهايا مغز ماهه،
عشق جـي آتش آساڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.
دمبدم، غم ۽ الـم جي ساهه تي هر صبح شام،
باهه ٻڙڪن کي ٻساڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.
فڪر، ”فاضل شاهه“، انـدر ٿا آيا ِن آڳ ڳهاڙ،
ڏڙ ڏرياڻون قلب ڪاڻي، ٻهر نڪري ڪين ٻاڦ.

*

(”ديوان سانگيءَ“ مان)

اسين عـقـل کـان آهيون عـاري، عزيزو!
اسـان کـي پـرت آهـي پـيـاري، عزيزو!
زيـاده آهـي قـيـمـتـي ڪـيـمـيـا کـان،
اسـان جـي اِهـا خـاڪـسـاري، عزيزو!
اسـان جـهـڙا مسـڪين جنهن ڪيا مـقـرب،
ڏسـو عـشـق جـي بـردبـاري عزيزو!
رهـيـا دهـر ۾ فـنـد، فـتـنـا ۽ بـازي،
وڃـان ڳـالـهـه وٺـي وره واري، عزيزو!
اسان ٻال ڪنهن سان نـه ڪئي ڪا مروت،
اسان سـان ڪندو ڪـيـر ياري، عزيزو!

سياهيءَ مان وارن ۾ آئي سفيدي،
۽ گذري وئي گلعذاري، عزيزو!

عجب هو آهو پنهنجي جوانيءَ جو عالم،
نہ هئي جنهن ۾ ڪا انتظاري، عزيزو!

تون "عبدالحسين" جؤ تہ الحمدلله،
ٻرين سان اسان پرت پاري، عزيزو!

*

("ديوان بلبل" مان)

سهڻا! ضرور تو کي سينگار جو نہ آهي،
ري زلف، دام دل لئہ ٻيءَ تار جو نہ آهي.

جي قتل لاءِ ڪنهن جي تون ٿو ڪشين ڪمر کي،
ابرو اٿئي، تہ مانگو تلوار جو نہ آهي.

انڪايون اکڙيون آن ۾، ڀر جي ڪو محض مقصد،
مژگن جي مورچي کي پيڪار جو نہ آهي.

هن نازنين جي قد سان همسر نہ سروَ ٿيندو،
جو ڪاٺ آلکهڙيو ڪنهن ڪمڪار جو نہ آهي.

"بلبل" تون هاڻ بس ڪر باريڪ بات هن کان،
اڄ قدر ڪوئي ڪنهن وٽ اشعار جو نہ آهي.

*

("ديوان قاسم" مان)

دنيا سان مَ رک ياري ڪڏهن،
جو ڪنهن سان آن پت نہ پاري ڪڏهن.

ٿين غرق جي غم سندي بحر ۾،
ڪنديئہ ڪين هوءَ غمگساري ڪڏهن.

طلب آن سندي محض تاوان آهہ،
مَ ڪر لاءِ تنهن تات تاري ڪڏهن.

دنيا ڪوڙ، جا ڪوڙ سان گڏ ٿئي،
نہ ڪنهن عارفن ري وساري ڪڏهن.

ڪري غير جي ترڪ "قاسم" طلب،
ڪجي ڪاڻ طاعت تياري ڪڏهن.

ڀسجي جڏهن ڀڻ سرڪو ٿو ٿئي،
تڏهن اکين ۾ روشنائي ٿو ڪري.

تيئن ڀلو سو مرد، جو پاڻئون وهو،
۽ مري جيئري سان سو شامل ٿيو.

واه سو جيئرو، جو مڙدي سان وهي،
ڏٺي حياتي پنهنجي، مڙدو ٿي پوي.

روح تنهنجو چڻ ڀڪي ڀڃري ۾ آهه،
قيد مان تنهن کي ڇڻ جي رمز لاهه.

روح جي آهن ڇڻڻ ڀڃري منجهان،
انبيا ۽ اوليا ٿيا اصل ڪان.

سي ڇڻ جو توکي رستو ايءَ ڏسين،
جي مريض بيمار ٿي، ڇٽندين يقين.

خلق ۾ جي هوندين هت مشهور تون،
بند ۾ هوندين سدا رنجور تون.

ٻڌ تہ هڪڙي ڳالهہ آءٌ توکي چوان،
حق ٿئي معلوم توکي ان منجهان.

*

(مثال، ”بوستان“ مان: مصنف سيد پناهہ علي شاهہ ۽ ميان غلام محمد)،

ٻڌ مون تہ ڪنهن هڪڙي بادشاهہ،
ڏنو وقت سڪرات جي ٿي پساهہ.

تنهين بادشهہ کي نہ اولاد هو،
نہ پيو تخت جي ڪاڻ آساد هو.

ڏنائين گدا هيڪڙي کي تاج تخت،
گداگر ٿيو سو خداوند بخت.

گداگر جڏهن بادشاهي ڏٺي،
لڳي پوء تنهن کي فقيري مٺي.

رکيائين وڏو بادشاهي دماغ،
ڍريو ڍولئہ جي ڪاڻ ظاهر سو زاغ.

جڙهي فوج سان، فوجداري ڪري،
رعيت تي محصول ڀاري ڌري،

ٿيو زور سان ظلم ۾ زور سخت،
ڪري ظلم سان زور آباد تخت،

ڪري جنگين سان جنگي خيال،
نه سگهين محتاج جي ڪا سنڀال.

ڏٺو هو جنهين قوم زاري ظلم،
اٿاريو تنهين جنگ جهيڙو خلل،

ڪيائون تنهين سان جهيڙو جدال،
ٿيو جنگ ۾ مرد مسڪين حال.

مثل مينهن جي ٿي وٺا تيز تير،
ڪري جنگ ٿيو عاجزيءَ ۾ فقير،

مڱڪائين ڪنهين نيڪ ڏي آدمي،
وڃي چئو ڪري نيڪ جي خادمي:

مڱنڪي ورتو هن دشمن زور سخت،
دعا سان، توفيق ڏي نيڪ بخت.

*

(مثال، "سڪندر نامه" مان: مصنف غلام مرتضيٰ شاهه "مرتضائي").

بهار آيو، ٿيو باغ سرسبز، واه!
ڏني گل کي بلبل مٺي بادشاهه.

وڇايون ٿن هيٺ فيروزي فرش
ٿي قمري ڪري سَرْوَ جي شاخ عرش.

ميوَن جا مزا واه، هر دم مٺا!
گل آندي جهڪ مهڪ ڦڙيا موتيا.

چنبيليءَ جو چهرو سونهريءَ جي لهر،
ڪري بيٺي قصدون سا رابيل قهر!

نمايان نسرين، پيو نسترن،
ڪڪٿهار مکڙيون ٿيون ٽهڪ کلن.

وڻن کي مليا وس ساوا وڳا،
ولين سا وڃي ڦنگ چوٽون لڳا.

عجب عشق پيچن سندا پيچ تاب،
ڪله جعفري، چهره آفتاب.

(ترجيع بند، ”ديوان فاضل“ مان)

الهه جي اکيان التظاري ڪجي،
تياري طلب تات تاري ڪجي.

شب و روز درگاهه ۾ ڏاڍيءَ جي،
چڱي زور اظهار زاري ڪجي.

ڪڍي غير غفلت ڪَٽي قلب مان،
سماچار سڀ سڱرت ساري ڪجي.

همه خلق سان هوئجي خوش خليق،
نه اغيار سان يارا ياري ڪجي.

رکي فڪر ”فاضل“، پلي پت ڏي،
هلي حق تي هوشياري ڪجي.

ڪڍي غير جو غرض من مان مگر،
مٺي وات وحدت، ڪَٽي پڌ ڪمر.

وڃي وڙجي وات وحدت وصال،
محبت سوا ڪر نه ڪائي مقال.

رهج عشق وارن سندي ملڪ ۾،
ڏسين عشق سان تون عجب آهه جال.

ملڻ لاءِ تون محب محبوب جي،
قسرعا قرب جا وجهه بس في‌الحال قال.

مٺي ديد ديدار دلبر سندي،
ڪجي ڪوڏ قربان ڪل محض مال.

معجهوڻ فيض هي فرد ”فاضل“ ولي،
چڱي رکه چتائي چڱي چست چال.

ڪڍي غير جو غرض من مان مگر،
مٺي وات وحدت ڪَٽي پڌ ڪمر.

٩ـ مسمّط ـ تسمّط مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي موتي ڌاڳي ۾ پوئڻ. اصطلاحي معنيٰ موجب، هڪڙي مصراع تي پيون گهڻيون جيتريون مصراعون هم وزن ۽ هم قافيه گڏ آڻجن. پوءِ جي اهڙيون ٽي مصراعون هونديون ته انهيءَ کي ”مثلث“ چئبو ۽ جي چار هونديون ته ”مربّع“ چئبو ۽ جي پنج هونديون ته

(”مخمّس“، ديوان فاضل مان)

سڄڻ پرت پيغام مختار ڏي،
سنڌو سڪ سدا شوق سردار ڏي،
دلارام دلبند دلدار ڏي،
مين جي سڄڻ سونهن سينگار ڏي،
آجهي يار آرام آڌار ڏي.

رڻان روح ۾ لاءِ تو رات ڏينهن،
وسايان اکين سان مٺا محب ميڻهن،
ڪري ڪوڙ آهو سنڌڻي سوز شينهن،
نباهيان ڪنهين نوع تو ساڻ نينهن،
سنڌي آن سيکي تون سماچار ڏي.

محبت اسان سين سدا! ڇو مٺي؟
وڃي قرب وهڻ وهو تو وٺي،
لنگهيل لطف لالن لکيٺا لٺي،
سنڌو پرت پاسو سو سانول ڀڳي،
بلا ڇو سنڄين باز بيمار ڏي؟

(”مربّع“ جو مثال، ثابت علي شاهه جي مرثين مان)

آهي ڏاڍو ڏينهن قيامت جو ڪتابن ڪئي خبر،
خلق سڀ عرصات تي ايندي ڪري هُلَ ۽ حشر،
ني ڪفن ڪنهن کي، نه ڪنهن کي سترجامو سربسر،
پنهنجي پنهنجي حال هئي هئي هوندو حيران هر ڪدام.

هڪ طرف دوزخ تپي ڏيندو ڏوهارين کي عذاب،
ساهه جي زنجير ظالم بند هوندا بيحساب،
ڪئو ڪندي ڪافر ڪندا! ”ياليتني ڪنت تراب“،
يا رسول الله! رس، اي جڳ آجها عالم امام!

جنهن ڪنهين هن جڳ ۾ ڪئي نامحرمن جي منهن نظر،
آت اکيون نرگس جيئن نڪري سرڪئون ايندس منجهه سقر،
جڀ جڀي هوندي مڪر جيئن جنهن ڳلا ۾ ڪيا ڪذر،
نار جي لانگن جا هوندا لاٽ حورن منهن لغام.

١- مستزاد: جڏهن شعر جي هر هڪ مصرع يا بيت کان پوءِ ٻه-ٽي لفظ زياده آڻجن، پوءِ اهو فقرو مصراع وارو قافيو رکندو هجي يا نه. قديم شاعر فقط رباعي کي مستزاد ڪندا هئا، پر پوئيان شاعر غزل به مستزاد چوندا آهن. مثالن لاءِ پنهنجن مستزادن مان ڪي نمونا ڏيون ٿا:

١- ڇيو ڪالهه طبيب کي وڃي مون لاچار-
آهيان بيمار.
ڳٺين ۾ رهان رات سڄي ٿو بيدار-
ڪر ڪو ويچار.
ڇيئين نبض ڏسي منهنجي، 'اٿئي عشق جو مرض-
تو تي ٿيو فرض،
تا ترت ڪرين، جهڪو هجي تنهنجو يار،
تنهن جو ديدار.'

٢- شرف آدم جي ۾، ڪل خلق کي انڪار نه آهه-
حق جي ٿي آن تي عطا،
آن کي ڀي آن کان هي انڪار مزاوار نه آهه-
سڀ چئون آن تي ثنا.
جي جي ڪي خواهه هنر ان ۾ خدا ڪيا موجود-
ڇا ڪريان تن جو بيان،
اي پريون مون ۾ هڏهن طاقت گفتار نه آهه-
ڪيئن ڪريان وصف ڀلا.

(غزل، مستزاد ۽ موشح، 'ديوان فاضل' مان)

حسن هر سر هوت جو حورون ڪري حيران هئي-
سربسر سينگار سان.
پرينءَ جي پيرن ڀڳوان پامال ٿيون پريون پٺي-
جوت جي جنسار سان.
آهه احسن يار جو آواز عمدو سان اداءَ-
شهد کان شيرين تر،
ترت طوطيءَ کان تمامي ڪوءِ ني گوهر ڪٿي-
گفتگو گفتار سان.

جوت جانب جي ڪيو جنسار جرهر جو جهڪو-
ماڻ مرواريد جو،

چٽ ڇڄي پٽ تي پيو چمڪو سٺي چئوهون چٽي-
ڏهڻي ديدار سان.

بخت تن بيدار بيشڪ هوت جن جي هنج ۾-
ڀاڪ ڀاڳارو پنهل،

سي وتن سرها سدائين ڏار دولت جا ڏٺي-
وڏ وڏي واپار سان.

چنگ چوري چست چاهون برهه جي بيمار کي-
صحت ڏي ساجن سڏي،

واه! ويچاري وسيلي ويچ جي واڻي وٺي-
تندرستي تار سان.

لال لب لالڻ سندا، لالا لطافت لاڏلا-
سرخ ۽ سوڏا سنوان،

طالبن تن سان تلذذ ترت نيو توڙون ٺٺي-
عشق جي آذار سان.

حرف جي هر بيت جو پهريون ٻڌجين "فاضل" فقير-
طور تون توشيح جي،

هوت کان حاصل ڪرين تا قرب جي ڪامل ڪٺي-
نام جي تروار سان.

هيئين غزل ۾ هڪڙي مصراع ۾ هڪڙو بحر آهي، ته ٻيءَ ۾ ٻيو. هڪڙي لفظ جي گهٽ وڌ ٿيڻ جو تفاوت ٿئي ٿو جو غلط آهي،

غزل

دنيا ۾ دين گولڻ، آهي عبث، عبث
(وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلن)
ريءَ درد سور 'وقت' رڙيءَ ريجهه رحم رقت
(وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)

ساري غزل ۾ بيت جون ٻئي مصراعون هڪڙي وزن جون، ۽ ٻيون مصراعون ٻئي وزن جون.

غزل

منجهه ديد تنهنجي دلبر آهي مدام حظ.
(وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)
مجلس ۾ دوستن جي آهي حضور نعمت.
(وزن: مفعول فاعلاتن، مفعول فاعلاتن)

ساري غزل ۾ اهو عيب آهي.

غزل

آهي تنهنجو نڊوري ۽ آرس اپاڳ
(وزن: فعولن، فعولن، فعولن، فعول)
جنهن کي سڪ سيني اندر سوز سان ڪيو
(وزن: فعولن، فعولن، فعولن، فعولن)

ٻيون مصراعون ٻه انهيءَ وزن جون آهن.

ثابت علي شاهه جي مرثين مان

بند

اڄ ڏينهن جمعي جو آهي ۽ خطبي جو 'وقت' ڏس،
سون تنهن نبيءَ جي پٽ جو، تون هي حال 'سخت' ڏس.
جهجهرو تن پرزا پرزا، ۽ دل لخت 'لخت' ڏس،
تنبوءَ ۾ ڏس يتيم رڻن ٿا رسول جا.

هتي سخت ۽ لخت سان وقت آندو اٿس، جو اهڙيل سنڌي ماڻهو 'وخت' چوندا آهن.

ٻئي هڪڙي هنڌ به اهي ساڳيا قافيا آندا اٿس.

بند

قاسم جي حق ۾ ڪاچوُن هئي موت جي 'مبارڪ'،
سڀ چاچي ماچي ٿيا ٻن سر گهوري تن ڪان 'تارڪ'،
سي تاصحي سڪيا ٿيا، سڀ فڪر ڪان ٿي 'فارق' (يافارڪ)،
مون تن جي فڪر فرقت نيڻين وهايا نارا.

هتي مبارڪ ۽ تارڪ سان فارق آندو اٿس، جو عام ماڻهو 'فارغ' جي بدران فارڪ چوندا آهن.

هيٺيان لفظ به ثابت علي شاهه ٻين هنڌن تي ڪڏهن قافيا آندا آهن، جن مان ڪيترا هائي آلي نثا سگهجن.

سر، انور، ڏڙ ۽ شعاع، سماء الوداع، سداء سپ، تعب، رٻ. راڳ، داڳ، (داغ). ڪاهه، داڻهن. رت، هست، ست. مصلحت، هٿ، ست. شروع، سوبسو، ڪوبڪو. سعيو، رايو، لايو. ماريو، هاريو، آيو. ڪاهجي، ڇڏائجي. آوارا، ويچارا، مرڻ هارا، حادثي ماريا.

اڄ گهر رسول جي آهي شادي ۽ 'عشرتا' (يعني عشرت)

"ديوان فاضل" ۾ رباعيون ڪنهن به ٻئي وزن جون ڏنل آهن، پر هنن گهرجن خاص رباعيءَ واري بحر تي. هي رباعيون نه آهن پر قطعا آهن.

# ڀاڱو ٻيو

## باب چوٿون

### صنايع و بدايع جي بيان ۾

ڪلام جي فصاحت ۽ بلاغت لاءِ، عبارت يا لفظن ۽ معنيٰ جي خوبي ۽ موافقت جي قانونن ڄاڻڻ جو ضرور آهي، جن جو 'علم بيان ۽ "علم بدايع" سان واسطو آهي. اهي صنايع يا صفتون ٻن قسمن جون آهن: هڪڙيون لفظي ۽ ٻيون معنوي. صنايع لفظيءَ ۾ رڳو لفظن جي ظاهري صورت ۽ خوبيءَ جي نظر ٿي رهي ۽ صنايع معنويءَ ۾ باطني خوبي يا معنيٰ جي نظر ٿي رهي.

## فصل پهريون

### صنايع لفظن بابت

۱. صنعت ترصيع: ترصيع جي لفظي معني آهي جواهر جڙڻ ۽ اصطلاحي معني آهي عبارت يا شعر ۾ ڪي لفظ خانن خانن وانگي آڻجن، جي ٽڪن ۾ موافق هجن ۽ اهڙا هجن، جي وزن ۽ قافيي ۾ برابر هجن. اهڙيءَ عبارت يا شعر کي مرصع سڏبو آهي. انهيءَ جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

روءِ تنهنجي ۾ جلوه گر ٿيو جمال،
خوءِ تنهنجي ۾ سربسر ٿيو ڪمال.

ماهه تون، بدر جنهن جو سارو منير،
شاهه تون، قدر جنهن جو سارو جلال.

حال سان موت ماري تنهنجو فراق،
قال سان ليت جياري تنهنجو وصال.

منجهه شرافت نه تنهنجو ڪوئي نظير،
منجهه لطافت نه تنهنجو ڪوئي مثال.

*

مي حرام آهي، جي محفل ۾ ڪر هو لدو هشيار،
ننـــد حـرام آهي، جـي گهر ۾ آهـي ياتي بيمار،

پيا پنهنجا مثال هيٺ ڏجن ٿا ۽ همجنس لفظن جي هيٺان ليڪ جو نشان ڪجي ٿو:

بيماري ٿي جي ڪنهن کي سائي،
يرقان جو مرض
سڀ شيءِ ٿي نظر اچيس سائي،
سبز
تيئن دل ۾ جڏهن جمي ٿي ڪا ڳالهه،
هر وقت پوي ٿي ياد سائي.
اهائي

*

تنهنجي دائيءَ، وار تنهنجا، جي ’ڦٽيءَ‘ سان ڪيا جدا،
پانهن دائيءَ جي ڦٽيءَ کان ڏار، تڏهن کهرجي ڪرڻ.
ڪلهي

*

سائي بيحال جوش کان ٿي وئي،
زال
نه سگهي تنهن کان پاڻ ۾ سائي.
ماپي، سمائجي
چاهه سان چاهه پيي، مگر ڪهڙي،
شوق چاءِ
رنگ ۾ چاهه جي ڪنين جهڙي،
پکي

*

جاءِ جي ڳل سان نه جائي ڪنهن به ڳل جي جاءِ آهه،
ڳل جو قسم برابري

جاهه ۽ جي جاهه هوئي، سرهاڻ سڀڪنهن لاءِ آهه.
ڪولي ڪل

*

ڪوڻ جي استر کي هڪڙيءَ استريءَ ڪئي استري،
زال ڌوٻي جي
استري سان وار ڪوڙڻ آيو، مڙس مستري.

*

معجوني نوش ڏين جسي تون ڇڏين نيش*،
سڄڻ جو خويش ڏين جي تون ڇڏين خويش.
عزيز پاڻ، خود مطلبي

*

پاڻ ماڻهوءَ کي ڏني نو پاڻ ٻن حيوان جيئن،
پاڻ کي پاڻڻ،خودمطلبي،مغروري،ڦيري
پاڻ ڏس آهي ڪتو، ۽ ٻوڪ لاءِ آهي پلو.
ٻنيءَ جو
زبان آهي سڄڻ جي ٺڙڪي، آءٌ تڙڪي نٿو جاڻان،
ٻولي
چگو هو جي زبان ان جي هجي ها وات منهنجي ۾.
جيڀ

*

هن دفعي ٻي طرح سان اک لڳي،
نه لڳي اک، جڏهن کان اک لڳي.
ننډ نه آئي اک اٽڪي

*

نه توکي ترس ڪو اي شوخ، هيءَ ڪهڙي ٿي ترسائي،
رحم پارسائي
ذرو ڪي ترس، تنهنجي منهن ڏسڻ لاءِ آءٌ ٻيو ترسان.
ٻوڇم سڪان

* نوش ۽ نيش تجنيس زائد آهي.

*

جني سر جو خير گهرن، بيزبان رهه، منجهه صبر،
رکين زبان، تڏهن ٿي سسي، قلم جي قلم.
ڪلڪ وڍيل

*

نه فقط لڌي اڄ نه بهرام گور.
لڌي ڪين بهرام جي پڻ ٿي گور.
قبر

*

گهرين همدم جي ڪو، هڪ دم نه هڻ دم،
پل ساهه
هنئي جي دم، ته پوءِ ملندئي نه همدم.
ٺڳي

*

حضرت جي رزمگاهه ڏي هڪڙو ڪنيو قدم،
ميسر مٿئون ٿيندي نڪرندو آن دم اسان جو دم.
لحظي ساهه

*

رخصت جا وٺي ملي، سو شگفته او گل ٿيو،
گلاب جو گل
چيو ماڻ، هيءَ چراغ به اڄ منهنجو گل ٿيو.
اُجهاڻل

*

صاف هو خط جبين، تيسين صاف هو خط جو جواب،
چٺي ريهه ڏاڙهي جي
تو اچي خط ماڻ. شايد ان کي پڻ خط ٿو اچي.
چٺي ڏاڙهيءَ جي ريهه

*

ڪين قاضيءَ جـي قضا سان، ڪڏهن قـضا ٿيندي قضا،
فتوي          خدا جو حڪم     ڦري ويندي

قاضي قضيہ خـور پـا! مفتي ٿـيا پڻ مـفـت خور.

ڏسي ايءَ قـد ۽ قامت اُن جـي پياري،
قـد
مٿلي حيرت مـان قـد قـامت وسـاري.
نماز جي تڪبير

*

مـٽيي ٿـي زر ٿئي اڪسير سان قناعت جـي،
سمهڻ جي پٽ تي، تہ ٿيي پٽي سو بسترو پٽ جو.
ريشم                    زمين

*

مـرد جـي آهـي پـردو عورت جـو،
زال
ستر عورت جـو مـرد جـي ٿـي زال.
اوگهڙ

*

جـانـور ڪـي وجهي ٿـو بـنـد ۾ دام،
ڦاهي
وجـهـي مـالهوءَ ڪـي دام ۾ ٿـو دام.
پئسو          ڦاهيءَ

رباعي

هر دين ۽ ملڪ تنهنجو ٿيو ۽ هر نام،
تڏهن توڪي چون ڇو نہ هري ۽ هر نام؛
جڳ رام ٿيو تنهنجو، اي رحمان رحيم،
تابع

دل کي اچي رام رام مان تڏهن آرام.

هندن جو خدا

(٣) تجنيس ناقص: هن کي 'تجنيس محرف' به چون. هيءَ صورت 'تجنيس تام' جهڙي آهي، ليڪن حرفن جي حرڪتن يعني زير، زبر، پيش يا حرف علتن ۾ مختلف آهي. مثال هيٺ ڏجي ٿو:

*

دِين ٻاڙئون ٻئي جڏهن نه دَين،

قرض

دين واري کي چين ۾ به نه چَين.

آرام ملڪ

*

ٻه ٽِڪر ٽي ٿي ٽَڪر، منهنجي جي ٿي ان تي نظر،

جبل ٻرزا

جي ڪيري بجلي، ڪري ان کي مٿان پنهنجي مهر.

هت ڪريو چشمن جي چشمن کان اوهين جاري نديون،

اکين حوضن

جنت الماوي جي نهرن تي گذارڻ واسطي.

*

ميڙڻ مان زر جي ٿئي تي پشيماني عاقبت،

صورت ۾ ڏس ته دِرهم، دَرهم کان ڪم نه آهه.

پئسو پشيمان ٿيڻ

*

دِرهم جي لاءِ لت ٿئي دَرهم اسان جو حال،

پئسي پريشان

درهم درم کان درهم برهم جهان ٿئي.

*

ڪٿي آهي هنڌ و جنهن ۾ هوئي ميڪ،
سغز
ڏلي ڪٿ آهي ڪنهن ماکيءَ بنان مڪ.
جيت

*

پـه ڏينهن اوج ڪمينو ڪري، ڪيري ٻوءِ نيـڪ،
اچ آهي آپ تي سڪي، ۽ سياڻي ٻيـرن هيـڪ.

ر باعي

ڪرمن ڪان آءٌ تنهنجي آهيان يا رب منجهه شـرم،
سـرد آهون ڀـريان، ۽ ڳوڙها ڳاڙيان آءٌ ڪـرم،
ڳهرجي لـه ڪـرڻ جيڪي، ڪيـو سون سوئي،
ڏس پنهنجي ڪـرم ڏي، ڪين ڏس منهنجا ڪـرم.
لطف ڪم

(٣) تجنيس زائد؛ جڏهن ٻه لفظ هڪ جنس جا، حرفن ۽ حرڪتن ۾ هڪ جهڙا هجن، مگر هڪڙي ۾ ٻئي کان هڪ حرف زياده هجي–مثلا ۾ يا وچ ۾ يا پڇاڙيءَ ۾:

ڪنڌ تي ڪالهه جنهن جي آهو ڪال،
اڳئين ڏينهن موت
اچ ونسي سالهه، آن بـه ميڙيو مال.
تار جي مايا

*

ڪهڙي هـئي ٻـتـاڪ، سنان تـي،
جن مٿي 'ڪالهه'، آهو آهي 'ڪال'.

موجود منجهه 'وجود' جـي، حاڪم جـي جود آهه،
واجب سـواجـب آهـي ٻـه حاجب ڪي نت ڏيـڻ.
اجورو، پگهار دربان، نوڪر

*

"آئين اڪبري" آهي، هڪڙو عجب ڪتاب،
قاعده

اڪبر جي وقت جو آهي، آئينو بيحجاب.
آرسي

*

ٿيو عشق منجهان علم لدني مون کي حاصل،
'گردن' بہ جهڪائي اچي گردون منهنجي آڏو.
آسمان

*

هر ڪنهن جي همت ۾ پنهنجي قسمت آهہ،
جي 'ڪشش ڪرشش' جي چالي ٿو راهہ.

هن ۾ 'ڪين' ۽ 'ڪين' تجنيس تام ۽ 'ڳهَرَ' ۽ "ڳهَرُ" تجنيس ناقص آهي،
'ڪيو'، 'ڪينو'، 'گهر'، ۽ 'گهار' تجنيس زائد آهن.

ڪين لاهِ ڪينو رکي، ٻڌرڪين نہ ٿي، ڪو ڏيان ڪر،
ڪي بہ نہ ويرِ دشمني

ڳهَرَ ۾ ويٺو خير ڳهُرُ، ڳهُرَ تي خدا جي گهار ڏينهن.

*

ماڻهوءَ ۽ جانور ۾ آهي، دل جي اڪ جو فرق،
انعام ۽ انعام ۾ ٿيو فرق، عين جو.
عربي ۾ جانور ماڻهو

*

تيغ دوسر جي قاف شان غلطان قاف ٿيو،
ايسو سو جنهن مصاف ۾، ميدان صاف ٿيو.
جنگ جو ميدان

*

بهرام کي بہ گور ۾ لرزو پئي منجهہ اندام،
سم سان فنا ٿئي سام جي منهنجي جهلي حسام.
زهر پهلوان ترار

ٿي مرد، 'مراد' ڳھٽ ڪري جو پنھنجي،
ڪڍ 'الف' مراد مان، تہ ٿيون مرد ٿئين.

*

حق مان تون گذار، ڪر تون ۾ٿي سڀ ڪان گذر،
سڀ خواھشون لاھ ڏين، دنيا سڀ ڪوڙ.

*

ارزق جي اکين آڏو تڏھن آئي سياھي،
پٺت ڪي جو ڏٺئين 'دم' ۾، 'عدم' ڏي ٿيو راھي.

*

حضرت جي رزمگاہ ۾ ھڪڙو رکيو 'قدم'،
سر سنھن پٺيندي نڪرندو ان دم امان جو 'دم'.

*

اکين جو آب 'ماھيءَ' تائين ويو، ۽ آہ وئي تا 'ماہ'،
اندر سوز جا شاھد ٿيا ٿي، 'ماہ' تا 'ماھي'.

*

جڏھن ڇڏين 'مقصد'، تڏھن 'مقصود' حاصل ٿو ٿئي،
زيان جڏھن گڏ ٿا ٿين، تڏھن سود حاصل ٿو ٿئي.

*

عاشق وفا ڪري، ڪري معشوق سرڪشي،
ڳھرجي ٿو 'ناز' حسن کي، ۽ عشق کي 'نياز'.

*

'ساز' عالم مان تون رک، ۽ 'سوز' تون دل جو نہ ڇڏ،
'ساز' ھن 'سازش' ڪرڻ جا، ٿيا اھي ٿي 'سوز ساز'.

رباعي

تون خواب ۾ آھين، ڪانہ ٿئي پنھنجي خبر،
غفلت ۾ وڃائين مفت پيو چار پھر،
'راھي' ٿيا سڀئي، يار تون آھين منجھہ 'راہ'،
لحظي جي حياتيءَ تي، ڪرين ڪانہ نظر.

آءُ گدا، گهٽ ڪين سمجهان، پاڻ کي سلطان کان،
هن کي 'تخت' ۽ مون کي 'تختو'، هن کي 'چٽ'،
مون کي 'چٽي'.
'خلق' هن وٽ، 'خُلق' مون وٽ، زور هت، زاري هتي،
مون 'رعايت'، آن 'رعيت'، صلح مون، جنگ هن ڪئي.
منهنجو 'ڪشتو'، هن جي 'ڪشتي'، منهنجي 'تاج'، هن
جي تاج،
هن جي 'لٽ'، منهنجي 'لمٽ'، هن جو پٽو، منهنجي پٽي.
مٽي ڪمر بند ليڙ، گودڙي

(خلق، تاج، لٽ، لمٽ، ڪشتو ۽ ڪشتي پڻ قسمن جون تجنيسون آهن.)

'اشرف' المخلوق جي پرک آهي اشرافت اصل،
پرک اشراف ۽ ڪميڻي جي تہ آهي 'اشرفي'.

*

يارو ڏسو عجيب هي زماني جو انقلاب،
خوشدل رهن تہ 'ناري'، ۽ 'نوري' ٿيا دلڪباب.

*

ڏي وشق تہ مون کي بغل ۾ وٺي،
پوستين
يا وشاق آءُ بغل ۾ جنهن کي وٺان.
خوبصورت غلام

(م) تجنيس مرڪب: هن کي مرفو يعني 'رفودار' بہ چوندا آهن. هن ۾ همجنس لفظ ڪي اهڙا هوندا آهن، جو انهن مان هڪڙو يا ٻئي مرڪب يا ٻن لفظن مان جڙيل هجن. هن جا ٻہ قسم آهن: هڪڙو 'مقرون'، جڏهن اهي ٻہ لفظ لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ بلڪل هڪجهڙا هجن، ۽ ٻيو 'مفروق' جڏهن اهي لکڻ ۾ هڪجهڙا نہ هجن، پر پڙهڻ ۾ هڪجهڙا هجن.

مقرون

عشق سهو رکين ٿو 'پروانا'،
جو جلڻ جي رکين ٿو 'پروانا'.

*

ٻـو نـبـيءَ جـي نثي خدا تائين،
ٻوعلي چڏ، ۽ 'ٻوعليءَ' جي ڳول.
حڪيم

مفروق

سروقد، جـو سرو جـي سر رکـي ٿـو 'آفتاب'،
آفت آهي، ٿيو اکيو ۾ جڳ جي ڪان جنهن 'آفت تاب'.

*

اٻ جد پنهنجو، ڪـر ابـجـد اي ادا،
ٻيءَ ۽ ڏاڏو الف ٻي يعني علم
وٽ نہ ڪا علم ۽ عمل ري ڪا ڳڙي.

*

ماڻهوءَ جـي لاءِ بد آهي، عادت 'شراب' جي،
ٿـي ٿـو سرير پنهنجو وڃائي ڪنا شر آب.
شرارت ۽ عزت

(٥) تجنيس مڪرر: هن کي 'مردد' ۽ 'مزدوج' بہ چوندا آهن. هن ۾ بيت جي ٻچاڙيءَ ۾ ٻہ همجنس لفظ گڏ ايندا آهن، جن مان پهرئين لفظ جي سنڌ ۾، ٻئي ٻوئين کان هڪڙو يا ٻہ حرف زياده هوندا آهن، يا پهرئين لفظ جو پويون ڀاڱو وري ايندو آهي، ۽ معني پنهنجي خلاصي هولدي اٿس.

رباعي

تنهنجي ٿـي لـڳي دوست 'ٻياري ماري'،
جندجان جي ڳٽي مون 'وساري ساري'،
جي ڏينهن ٻہ-ٿي مري ڏنم توکي ساهہ،
ڳـويـا هيءَ حياتي مون 'آڏاري ڏاري'.

*

نيت نينهن سڄڻ نيـڻ 'ملائـي، لائـي'،
ليت ٻرت سڄڻ جڳ کان 'ڇپائي، ٻائي'،

جيڪي ڪري سو سون کان پڇي، پوءِ ڪري،
جيڪي کائي، سون کي ’چکائي‘، کائي.

*

سون جا ڪٽي ان عنڊ ٿهي ’مڪار‘ سان ’ڪار‘،
سون کان پڇو ان ڪري هو ’بيزار‘ ٿي ’زار‘؛

*

لـڄ لاهي، ڏنائين سون ’دلفگار‘ کي ’گـار‘،
داڻي ٿـي رکيائين، چڙهي تـہ ’انبار‘ جو ’بـار‘.

تجنيس مطرف: جنهن ۾ ٻہ همجنس لفظ هجن جي حرفن ۾ متفق هجن، سواءِ پوئين حرف جي، جو مختلف نو ٿئي.

’ڪلال‘ يار جو هوئي تہ نت وٺي تو ’ڪلام‘،
’گلاب‘ بدران وجهي مون تي شل ’گلال‘ مدام،
ڪٿي پليت پوڻ سان ’خرار‘ ٿئي تہ ’خراب‘،
ڦڙي پليت سان، چشمو حـلال ٿئي تہ حرام.

*

عاشق ۽ معشوق هڪ ’دلداد‘ ٻيو ’دلدار‘ آهي،
هن کي ’آزار‘ آهي، هو ’آزار‘ کان ’آزاد‘ آهي.

*

ڏوهہ ڪنهن کي ڏجي ناحق، آهي قسمت جو قصور،
تيسو ’دلارام‘ ’دل آزار‘، خـدا خير ڪري.

*

اندر تنهنجي موجود ٿيا ٻئي جهان،
’معاش‘ آهي تن، ۽ ’معاد‘ آهي جان.

تجنيس خط: هن کي ’تصحيف‘ ۽ ’مشابه‘ بہ چوندا آهن. هن ۾ ٻہ لفظ اهڙا ڪم ٿا اچن، جي صورت ۾ يعني لکڻ ۾ هڪجهڙا آهن، رڳو لفظن ۾ يعني پڙهڻ ۾ مختلف آهن.

رات ’تاريڪ‘ راهہ ٿـي ’باريڪ‘،
سور ’ناتين‘ کي نہ هـو ’تاتين‘،

’دشت‘ ۽ ’دست‘ ان جو ڪو نہ ولي،
هن کي ’تاڙين‘ پر نٿا ’تارين‘.

*

’عيادت‘ شڪل ۾ آهي ’عبادت‘،
مگر اٿ پيرا ان کان ٿي زيادت.

*

پارسا جو ظاهري تون ’پوش‘ ڪر،
پوءِ باطن ۾ پيو مئي ’نوش‘ ڪر.

*

ڪارا ڊگها ڏائين جڏهن زلف تنهنجا ’مشڪين‘،
دل ڏئي ٿيو گرفتار، عاشق ويچارو ’مسڪين‘.

*

سائو فيروزو ٿيو جي سوچارو،
مشڪ ’چين‘ ۽ ’ختن‘، جو ٿيو ڪارو.

*

رومين جيو ’رنگ‘، جي ڪا گهرج ناهہ،
’زنگ‘ لاهڻ جو اسان کي فڪر آهہ.

*

’سفر‘ اگرچ ’سقر‘ کان ٿيو هڪڙو نقطو گهٽ،
مگر عذاب ’سفر‘ جو، ’سقر‘ کان واڌو آهہ.

*

باطن ۾ آهين ظاهر، تنهنجي عجب ٿي ’چالي‘،
عالم پريل ٿيو توسان، ۽ جاءِ تنهنجي ’خالي‘.

*

ثواب آهي ڏسڻ، جي دل جهلين تون،
’پڇين‘ جي ڪين پوءِ، بهتر ’پڇين‘ تون.

*

موڪلائيءَ مهل محبوبن کان جي ’بوسو‘ مليو،
سچ محبن کي سفر جي لاءِ چڻ ’توشو‘ مليو.

*

ڄاڃي اسين سڀ، دهل ڏمامن سان هلياسين،
ڏيکار تہ سا 'نماز' پري 'نار' ڪٿي آهہ.

*

هڪ ساهہ لاءِ ڪلهہ اڄ ٿي آهي ساري 'خلق'،
خنجر هزار هوڏي ۽ هيڏي ٿي هڪڙي حلق.
________
نڙي

*

هرڪنهن جي خيال ۾ آهي هر شيءِ جدا پسند،
توکي 'خودي' پسند تہ مون کي 'خدا' پسند.

*

مون کي توکان 'خدا' 'جدا' نہ ڪري،
ٿيان توکان 'جدا'، 'خدا' نہ ڪري.

*

فلڪ ٿو سادہ لوحيءَ کان ڪري مون سان 'زبردستي'،
نٿو ڄالي زبردست آهيان، پنهنجي 'زبردستيءَ' ۾.

*

بچين دوزخ کان، ٿي جيڀ جو نگهبان،
جو هن جڳ ۾ 'زبان' آهي وڏو 'زيان'.

تجنيس مضارع: ڪي تجنيس خط ۽ مضارع هڪ ڄاڻندا آهن، ڪي ٻنهي جي وچ ۾ ھي تفاوت رکندا آهن، تہ ٻن همجنس لفظن جي منڍ يا وچ يا پڇاڙيءَ وارو حرف مختلف ٿيندو آهي، يا هڪڙي حرف علت جي بدران ٻيو ايندو آهي.

*

مرد ڪامل جي زماني کي نہ هو ڪرلو مون کي،
جو ٿي 'ناداني' ۽ 'ناداريءَ' جو درجو ڪيئين عطا.

*

هڪڙو جي گلخن آهي، ٻيو 'گلشن'،
________
کورو
هڪڙو 'ڪفران' آهي، ٻيو 'غفران'.

چڱا پورهيت ۽ ڪاريگر، ٻچا ۽ ٻار جي پالين،
ٿين نشي جي عادت کان يا 'بيڪاري' يا 'بيگاري'.

*

علم 'باڪار'، سودمند آهي،
علم 'بيڪار'، پائي بند آهي.

*

سچو ٿي نوش ٿين، جي تون چڏين نيش،
مٿائي — ايذا رسائڻ

مين جو خويش ٿين، جي تون چڏين خويش.
عزيز — پاڻ

[خويش ۽ خويش 'تجنيس تام' آهي.]

*

هن 'روح' خدا جي مان ٿي خوش خلق خدا جي،
هن راح خدا جي مان 'زمين' خوش ۽ 'زمان' خوش.
راحت

*

صنعت اشتقاق: هن کي 'اقتضاب' به چوندا آهن. ڪي هن کي تجنيس جي قسم مان ڄاڻندا آهن. هن ۾ اهڙا لفظ ڪم ايندا آهن، جي هڪڙي اصل مان مشتق هوندا آهن، يا هڪڙيءَ جنس جا هجن. مثال:

قطعا

'طالب' کي 'طلب' دل جي 'مطلوب' نه ٿئي واصل،
نه ته وات جي 'طلبڻ' مان 'مطلب' نه ٿئي حاصل.

*

گهرجي ٿي 'محبن' کي نت 'حب حبيبن' جي،
'محبت' ۾ ٿيڻ گهرجي 'محبوب' ڪسي مائل.

*

لـه 'فرق' آهي ڪو، 'فرقا' ٿيا جي ٻاهر،
'فراق' يار جي، آئي وڏي منجهن 'تفريق'.

*

ناهي بقا زماني ۾ اقبال کي ادا،
’اقبال‘ کي جو اُبتو ڪرين، ٿئي ٿو ’لابقا‘.

*

پنگ کي ٿا ’بنج‘ عربيءَ ۾ چون،
جي ڪرين تون قلب ان کي ٿئي ’جنب‘.
پليد

*

’درد دل‘ جي ڪان لهان ٿو، ڪنهن کي منهنجو آهي ’درد‘،
’درد‘ جو لفظ آهيان، جو اُبتو ۽ سبتو آهي ’درد‘.

*

ڪهڙي بد حال ۾، ڪين ٻيعقل کي ملي مانُ،
اُبتو ڪرين جي سُبتو، ’نادان‘ آهي، ’نادان‘!

مقلوب بعض: جنهن ۾ ٻه يا ٽي اهڙا لفظ هجن، جي سارا اُبتا سبتا هڪجهڙا نه هجن، پر انهن جو ڪو ڀاڱو يا انهن جا ڪي حرف هڪجهڙا هجن، يا جن ۾ اکر پنهنجون جايون بدلائين ٿا. مثال:

*

’رقيب‘ کي نه اچڻ ڏي ’قريب‘، جو ٿيو پليد،
’عبيد‘ ۾ آهي لاخير، رک انهي کي ’بعيد‘،
غلام

*

ڪرڻ گهرجي نه جهيڙو جنگ، سر ٿورو رسي نقصان،
ڀلي ٻڪ آهي ’ترڪاريءَ‘ جسي ڪاٺ ڪان، جا ’تڪراري‘.

*

اٿيڙهيل سنڌ ۾، مرحوم کي ’محروم‘ سڏين،
ٿا دليون ڪن سي دعا، پر ٿا زبانون سي پڙهين.

*

ٿئين ’علم‘ ۾ جي ڪامل، ڪرڻ ’عمل‘ کي شامل،
’عالم‘ جي ٿيو نه ’عامل‘، دفتر لکيو تہ ڇا ٿيو.

’قرار‘ آهي دل مان کسيو، منهنجي يار،
سا ڏس ان جي زلفن جان ٿي ’بيقرار‘.
’خمار‘ آهي مون کي چڙهيو ري شراب،
جو اُن جون ڏٺيون اکيون پٽر ’خمار‘.
’شمار‘ آهه غمن جو ڳاڻان ڪين ٿو،
جو ٻاهر ٿيا منهنجا غم کان ’شمار‘.
*
’نڪاح‘ آهي دفع الفساد ۽ مباح،
نسورو فساد آهي، هاڻي ’نڪاح‘.
*
’رباب‘ عشق جو اوزار آهي ۽ اسباب،
انهيءَ ڪري ٿا ڪڪر کي عرب سڏين ’رباب‘.
*
’شمع‘ جو سر ٿو وڍيان، غيرت کان آهه هر گهڙي،
تنهنجي اڳ ٿي جلي، پرواني جان اڄ رات ’شمع‘.
*
ڪر مرادون ترڪ، تا ماڻين مراد،
’مدعا‘ ڇڏ، تا ڏسين تون ’مدعا‘.
*
’شاد‘ بندو ٿئي، جو ٿئي آزاد،
تنهنجو بندو ٿيان، تا ٿيان آهه ’شاد‘.
[وزن: فاعلاتن، فعلاتن، فعلات.]
*
’گوشت‘ ٻنجي ٿو رت منجهان بيشڪ،
پر ٿيو رت پليد، پاڪ ٿيو ’گوشت‘.
[وزن: فاعلاتن، فعلاتن، فعلات.]

ٻيو قسم: اهو آهي، جنهن ۾ ٻئي لفظ صورت ۾ هڪجهڙا آهن، پر معنيٰ ۾ مختلف آهن، جيئن ’تجنيس تام‘ ۾ آهي. مثال:

چارو منهنجو نه پيو ڪو تو ڌارا،
علاج

آءٌ ولڙان، جو ڏيکارين تون چارو.
رستو

'وارو' منهنجي نصيب جو نه اچي،
جڏهن اچي سون ڏي يار، سون 'وارو'.

'تارو' چمڪي نه محب منهنجي جيئن،
آهي منهنجي اکين جو، جو 'تارو'.

'پارو' ٿيو دل جي آرسيءَ جي لاءِ،
دوست دلدار منهنجو 'مه پارو'.
چنڊ جو ٽڪر

ٽيون قسم: اهو آهي، جنهن ۾ جيڪو لفظ پهرين مصراع جي حشوءَ يا وچ ۾ اچي، سو ئي ساڳي صورت ۽ معنيٰ سان ٻيءَ مصراع جي عجز يا پڇاڙيءَ ۾ اچي. مثال:

حسن ان جو 'جان' آهي، تن جهان،
عشق منهنجي ڪان ٿي روشن جڳ جي 'جان'.

چوٿون قسم: ۾ ٽئين قسم جهڙو آهي، تفاوت هي آهي ته اهي لفظ صورت ۾ هڪجهڙا آهن، مگر معنيٰ ۾ مختلف. مثال:

جڏهن وڄائين تو تون پنهنجو ساز، سمجهه ان جو تون راز.
وڄائڻ جو ساز

تارون ٿيون هم قوم سڀ، ڏس پاڻ ۾ تن جو تون ساز.
موافقت

پنجون قسم: اهو آهي، جنهن ۾ بيت جي پهرين ۽ پوين لفظ ۽ ڪڏهن وچ وارو لفظ هڪڙي لفظ مان نڪتل يا مشتق هجن، ۽ اصلوڪي معنيٰ ۾ متفق هجن، مگر صورت ۾ ٿورو تفاوت هجين. مثال:

## رباعي

م- محبوب خدا جو مصطفيٰ بيشڪ آهي،
ح- حيران بشر انهيءَ کان جن ۽ ملڪ آهن؛
م- مخلوق جو آدم ۽ هي آدم جو شرف،
د- درگاهه انهيءَ جي منجهه زمين ۽ فلڪ آهن.

## غزل موشح ”ديوان فاضل“ مان

(حاجي رچل شاهه جي نالي تي)

حال هيڏو سنڌم ڏسي هشيار،
مان ڪا ساڻ سون ڪريان سنڌار،
آهيان جنهن عجيب جو پانهو،
سو دلاسو اچي ڏئي دلدار.
جنهن سنڌي جان ۾ لڳي جا جڙ،
تنهن سنڌو ساريان سدا سهڪار.
يار جي ياد شاد ياري بس،
واه اهڙو نڪو ٻيو واپار.
ٻوه ٻنڌي ٻلي، ٻلاري جي،
سغز منهنجو ڪيو ٻهار ٻهار.
چال چوکي، چڱي چلت چهرو،
جوت جانيءَ سنڌي جدا جنسار.
لال لب لاڏلي سنڌا لاشڪ،
عاشقن لئه عجب امل اسرار.
شادماني ڏني سڄڻ ٻر هي،
ليو اندر جو انهي ڪڍي آزار.
آس اهڙي رکي اسير اداس،
مان محبوب سون ملي مختار.
هي غزل عرض لئه چيو ”فاضل“،
طرز توشيح جي منجهس تڪرار.

(١١) صنعت مردف، هن کي ’ترديف‘ به چون. هن ۾ قافيي کان سواءِ ان کان اڳي ٻا ٻوه رديف ٻه هجي. رديف واري لفظ کي ’حاجت‘، چوندا آهن، ۽ مردف شعر کي تنهنڪري ’محجوب‘ چون. مثال:

نامرد ماڻهو ڏسن ٿا، مال ’حرام تي‘،
آهن جي مرد، مي ٿا مرڻ، ’ننگ نام تي‘.

*

لطف سون تني سندئي ’هزار آهن‘،
سون تني احسان ’بيشمار آهن‘،

*

دل سان تنهنجي لہ سون ’عبادت ڪئي‘،
نفس جي سون سدا ’اطاعت ڪئي‘.

*

نفس آهي ڪيو ’تباهہ سوڻ کي‘،
ڪيو شيطان ’پُر گناهہ سون کي‘.

(١٢) <u>صنعت ذوقافيتين</u>؛ جنهن شعر ۾ ٻہ قافيا هجن. مثال؛

سکهين تون ٿو عقبيٰ دليا ’سان ڳنهي‘،
ڳنهي وٺ، متان تون وڃين ’ڪان ٻنهي‘.

*

رهہ تون دنيا ۾ سنڀالي، ’ڏيان ڏر‘،
وقت ۾ پنهنجو نہ پنهنجو ’زيان ڪر‘.

<u>رباعي</u>

عالم جي ڪمڻ ۾ گهرجي ’خاموش ٿيڻ‘،
۽ جان جي عالم ۾ ڪيي ’هوش ڏيڻ‘؛
ماڻهوءَ جا هجن جيسين بجا سڀ عضوا،
گهرجي ڪري سڀ عضوا ’فراموش جيئڻ‘.

*

جيسين نہ ٿئين نيست، نہ ڪن ’توکي هست‘،
هي مرتبو ڪيئن ملي، جي همت ’هوئي پست‘؛
جڏهن شمع جان اقرار مڙڻ جو تون ڪرين،
رشتو تڏهن روشنيءَ جو ٿئي ’منهنجي دست‘.

(١٣) <u>صنعت ذوبحرين يا تلوين</u>؛ هن صنعت واري شعر کي ’ملوّن‘ يا ’متلوّن‘ ٿا چون. يعني اهو شعر، جو ٻن زياده بحرن ۾ پڙهي سگهجي. مثال؛

حاجت بکلاهه تتري داشتن نيست،
درويش صفت باش، ڪلاهه تتري دار.
اسپ لاغر ميان بڪار آيد، روز ميدان نه گاو پرواري.

(٨) صنعت منقوط: جنهن ۾ اهڙا لفظ ڪم اچن، جن جا سڀ حرف نقطي وارا هجن. مثال:

چڙ تني جب پيڙهن، جهڙ تني ڇپ ڇڃن،
ڀپ تنني جني تني ڇجي ڏنجهن ڏبين.

(٩) صنعت غيرمنقوط: جنهن کي 'مهمل' يا 'عاطل' يا 'مجرد' به چون. انهي ۾ اهڙا لفظ ڪم اچن ٿا، جن جي حرفن مان ڪنهن تي به نقطو ڪونه هجي.

رباعي

(عماد الملڪ جي تعريف ۾)

عالم ۾ ڪمال عالم ۽ عامل آهه،
۽ حلم ۾ هر طرح اهو حامل آهه،
حاڪم اهو اصل رحم ۽ عادل آهه،
هر علم ۽ گوهر ۽ سدا ڪامل آهه.

غزل، بي نقط ”ديوان فاضل“ مان

دلاور دلا رام دلدار لاهه،
سدا ڪر ڪرم رحم، راهه رهه، رحم رساهه.
ترڪ ڪر حرص، هوا، سهو ۽ مهو،
سمع رکسي مهر طامع، ڪڏا ڪهڙ ڪساهه.
ملڪ مال مالڪ هم حال رهه،
اڪر علم وارو، عمل ڪر الاهه.
گدا هر سدا ڪر ڪرم ڪامگار،
ڪڏهو واهه ڪو وصل وارو وراهه.
مڪمل اهو مهملو ڪهه ڪلام،
اڪر سهلا هر طرح لکه هلاهه.
اها رس ”فاضل“ محال آهي مام،
سدا ڪار حاسد هموري ماهه ماهه.

## رباعي

ٻيون ۽ هنئا ٻه پياڻ، ٻنهي ۾ ٻيو،
ٻئي ٻنهي جا هٿا ٻيا، مڻي سنجهه ڏئو،
ٻوڙا ٻڌي، ڦٽوت ٻئي، ٻه ٻيرا ٻيلا،
ٻپ ٻن ٻر وانگي، واٽ ٻنهي جو ٻيو.

(٢٠) صنعت واسع لشفتين: جنهن ۾ اهڙا اکر ڪم آيل هجن، جن جي پڙهڻ مان چپ ڇپن سان نه لڳن. مثال:

لـه لڳي جو هنـان ڪـڏ ڏنهنجو،
ڪهڙو گهر آهي جـو نـه گهر تنهنجو،

*

توکي آزار رسي جڳ کان، ته ناهي ڪو عار،
ڪر تون ڪوشش ته رسي توکان نه جڳ کي آزار.

*

'أرني' ۽ 'لـن تراني' تـيـو لـاز ۽ لياز،
عاشق سڃي جـي لاءِ ٿـيـا هـي الاهي راز.

(٢١) صنعت مدوره اهو شعر، جو چوگول لکي سگهجي، يا جنهن ۾ ڪي اکر
اهڙيءَ طرح ڪم آيل هجن جو ان شعر کي شروع ڪجي انهيءَ کان پڙهي سگهجي، يا جنهن جا لفظ ڪڙي سان ٿي
حرف سان شروع ٿين ۽ گول لکي سگهجن. هي پارن جي راند يا مشغوليءَ
لاءِ آهي. مثال:

ماڻهو سون کي محب مدام مڃين
منهنجي محبت مٿي ڪان ڪ...

اهو هيٺين ريت لکي ٿو سگهجي:



*

راتِ ساري ڪنهن سڄڻ جي هر گهڙيءَ هئي مون کي سار،
راس ڪم منهنجو ٿيو، ٿيو منهنجو جڏهن حال زار،
راز پنهنجو ان سليو مون کي، ٿي منهنجي دل بهار،
راهه حق جي سو ولي، جنهن کي محبت تن ۾ بار.

اهو هيٺ لکي ٿو سگهجي:




(٢٠) صنعت سربع: اهو شعر، جو چورس جي چئني پاسن کان، يعني ٻ کهائي يا وڪرائي کان هڪجهڙو پڙهي سگهجي. مثال:

| | | | |
|---|---|---|---|
| الاهي | ڪرم ڪر | اسان تي | ڪريما |
| ڪرم ڪر | اسان تي | سدائين | حليما |
| اسان تي | سدائين | رحم ڪر | رحيما |
| ڪريما | حليما | رحيما | ڪريما |
| [وزن: فعولن، فعولن، فعولن، فعولن] | | | |
| دلبر جي | دردن ۾ | آهيان نيت | بيمار آءٌ |
| دردن ۾ | آهيان نيت | بيمار آءٌ | بيدار آءٌ |
| آهيان نيت | بيمار آءٌ | بيدار آءٌ | بي يار آءٌ |
| بيمار آءٌ | بيدار آءٌ | بي يار آءٌ | غمخوار آءٌ |
| [وزن: مفعولن، مفعولن، مفعولن، مفعولن] | | | |

**(٧) صنعت مڪرر:** جڏهن ساڳيو لفظ ٻه يا وڌيڪ ڀيرا وري وري اچي.

**مثال:**

نيڪي ڪري جو، تنهن کي ملي نيت جزا جزا،
جيڪو بدي ڪري، سو ڏسي نيت سزا سزا.

*

هنئين ڪيڪين، ڀڻ ڪي ڪين ٿيندين، هاڻ نه ڪيڪين،
ته جي ڪيڪين ٿيندين، آهين تون ڪيڪين ڪمان ابتر.

*

سائيا ڪري نه مار سڄڻ تون ڏري ڏري،
پاڻان نه ڪر مون کي تون پيارا ڀري ڀري.
[سارو غزل آهي]
ترڪ لذت جي جي تون لذت وٺين،
نفس جي لذت کي لذت ڪيئن سڏين.

*

ڇڏ تون مطلب تہ پورو ٿئي مطلب،
ٿئي ٿو مطلب بہ پورو مطلب جو.

*

گهڻو ٿي آهي ڪتي يار جي ۽ مون ۾ فرق،
هو يار جو ڪتو، آءٌ ان ڪتي جو آهيان ڪتو.

*

مينهن ٿو آءٌ قطرو قطرو وسايان اکين منجهان،
توبه مان خطرو خطرو ڇڏي منهنجي جان تان؛
هن قطري قطري مان ڌوپن ٿا سڀ گناهہ،
هن خطري خطري مان، ٿا ڏوهہ ڪڏ ٿين.

ڪڏ ڪر تون ڏٺو ڏاڻو، ٿيون ڪن جيئن ڪ ڪيوليون،
ڪڏ ڪر ڦڙو ڦڙو ڪري تون، جيئن مکيون ٿيون ڪن.
هو ڏاڻو ڏاڻو ڏاڻو، سڙي گڏ ٿين خرار،
هي ٿي ڦڙو ڦڙو ڦڙو، ماکيءَ جا مٽ ٿين.

رباعي

جي تنهنجي عبادت بہ مقيم آهي مقيم،
جي تنهنجو گناهہ بہ عظيم آهي عظيم؛
جي تنهنجي سزا بہ جحيم آهي جحيم،
اميد تہ ڇڏ خدا ڪريم آهي ڪريم.

رباعي

جر ٿيو آءٌ ٽڪر، يار کي گولي گولي،
ان لاءِ ڇڏيم ڇپر تي، ڇولي ڇولي؛
هاتف چيو هو تہ تو ۾ ڀولي ڀولي،
تو کي وڏو ڇو ڀلائي ڀولي ڀولي.

رباعي

ڪيئن ٿي سگهي عبد کان عبادت تنهنجي،
فضل ۽ ڪرم ۽ عطا ٿي عادت تنهنجي؛
صحرا صحرا گناهہ ٿيا منهنجا اگرچ،
دريا دريا مگر ٿي رحمت تنهنجي.

## مثنوي

زبان مان رسي انسان کي نفعو ۽ ضرر،
زبان مان ئي اميد ۽ زبان مان ئي خطر.
زبان مان ئي ٿئي افتخار آدم جو،
زبان مان ئي ٿئي انتظار عالم جو.
زبان مان ئي ٿئي انسان نيڪ بخت مدام،
زبان مان ئي ٿئي سو خوار ۽ بدنام.

صنعت عڪس: هن کي 'تبديل' به ٿا چون. هن ۾ اهڙا لفظ ڪم ٿا اچن، جي ڪنهن مصراع ۾ مٿيان ۽ پويان ورري اهي اٿلا پاٿلا اچي پون ٿا، جيئن هيٺ مثال ۾:

سهڻو تو جهڙو، جهڙو تو سهڻو،
ڪونهي ڪو پيو، پيو ڪو ڪونهي.
[وزن: مفعول، فعل، مفاعلن، فاع]
ڳوليو سون ڳهڻو، ڳهڻو سون ڳوليو،
ڏسجي نه ڪٿي، ڪٿي نه ڏسجي.

*

شراب آب بجا پيي بهار جي منڊ ۾،
جو هو حرام حلال آهي، هي حلال حرام.

*

ڪريان زماني جي ظلمن جا ڪهڙا ڪهڙا بيان،
زبان وار ٿي منهنجي، ۽ وار منهنجي زبان.

*

دل ڏاريان، هميشه غم جي همدم جا آهي،
غم ڏاريان، هميشه دل جو جو ٿيو همدم.

(٣٣) صنعت متنافر: جنهن ۾ اهڙا لفظ هجن، جن جي پڙهڻ ۽ اچارڻ يا ورڻ چوڻ مان نفرت يا ڏکيائي معلوم ٿئي. مثال:

هر ڪنهن جي همٿ ۾ پنهنجي قسمت آهي، پنهنجو بخت،
جي ڪنهن شئي جي ڪشش ڪوشش جي چالي ڪو ٿو راهه.

پٽ پڳ ڪپين، پٽ پڳ ڪپين، پٽ پڳ ڪپين،
چؤ تون نہ چو هت ٿو رهين، ڇا جي تجارت ٿو ڪرين.

*

ٽڪارو جهوپي ٿير تہ ڏيرج ٻڪڙ،
ٽڪڙ چڏ، ٽڪڙ چڏ، ٽڪڙ چڏ ٽڪڙ.

*

ٿا ڏڪڙ ۽ طبلا وڄن ۽ ڇون،
تہ ڏڪ ڏڪ تا ڏڪ ڏڪ تا ڏڪ ڏڪ لڳن.

(٣٤) صنعت متلائم: متنافر جو ضد، جنهن ۾ لفظن ٻڌڻ يا اچارڻ جي نهايت لرمائي، هلڪائي ۽ سولائي هجي، ۽ ڪابہ ڏکيائي يا اڳرائي يا نفرت معلوم نہ ٿئي. مثال:

رنج مان ويو رسي دلدار، خدا خير ڪري،
درد ۾ دل ٿي گرفتار، خدا خير ڪري!
لکہ ڪيم آزيون نيازيون نہ مڃيئون ڪا منت،
ڪيئين اصل وصل کان انڪار، خدا خير ڪري!
جنهن کي سمجهيم ٿي سڄڻ، ماه ڦري ٿيو بد خواه،
ٿيو دلارام دل آزار، خدا خير ڪري!
[سارو غزل]

(٣٥) صنعت سليس: اهو شعر، جو تمام سليس لفظن ۾ هجي. مثال:

سچائي سور نہ دنيا ۾ بار چڏ، جو اها،
ٻلي جي لاءِ آهي لٺ، جوان لاءِ تلوار.

*

نہ چؤ تہ ڪهڙي عمل کان نجات مون کي ملي،
ڪري ٿو فضل تہ آهن بهانا ان کي گهڻا.

*

ساهہ پالڻ سان ورتي سون هيءَ مت
نہ ڪجي غير جنس سان صحبت.

(٣٦) صنعت جزيل: سليس جو ضد. اهو شعر، جنهن ۾ ڏکيا ۽ ڳرا لفظ ڪم آيل هجن. مثال:

رباعي

دل خون ٿي منهنجي، جانگدازي هيءَ آهه،
تولاءِ سران، تنهنجي چاره سازي هيءَ آهه،
ان هوندي ڪريان صبر، ڪيان ڪين ٿو آهه،
شايد تنهنجي نت بنده نوازي هيءَ آهه.

طغان شاهه ٻارن جي راند ڪندي ٽي ڇڪا گهربا ته ٽي ٻڙن پيا، تنهن تي رنج ٿيو. ارزقي شاعر بروقت هيٺين رباعي چئي جا مشهور آهي:

رباعي

اي شاهه! تو ٻارن کان گهربا ٽي ڇڪا،
پر ڏپ کان اهي بدلجي ٽي ٻڙن ٿي پيا،
ٿيا ڇڪا نه ته حڪم تي تنهنجي حاضر،
هيبت کان اهي زمين تي ٿيا اونڌا.

انهيءَ قسم جا بديه شعر ڪتابن ۾ تمام گهڻا آهن، جي اسان هتي هنڌن تي ڏنا آهن.

(٣٩) صنعت رويه: بديه جو ضد، يعني اهو شعر، جو خيال ۽ ويچار کان پوءِ چوڻ ۾ اچي. اهڙي شعر جي مثال جو ضرور ڪونهي. اڪثر شاعرن جو شعر اهڙو آهي، تڏهن به نموني لاءِ ٻه مثال هتي ڏجن ٿا:

رباعي

اي دل تو قضا خدا جي تي ٿي راضي،
مستقبل تون وساري ڇڏ ۽ ماضي،
قسمت ۾ اٿئي هڪڙو ۽ تون گهرلين ڏهه،
ڏهه توکي ڪو ڏيندا، ٻاڻ ٿي تون قاضي.

قطعا

سالهو آهي هميشه اڄ جو ڀڳت،
پوءِ ڪهڙو هجي ڀل اڄ جو حال.
ڪالهه جو ڀڳت نه آهي ڪنهن ڪم جو،
گرچ ان وٽ هو ڪالهه ملڪ ۽ مال.
ڪهڙي هٿي پڻاڪ مٿن تي،
جن مٿي ڪالهه آيو ڪامي ڪال.

عقل مــان وات عشق جــي ڳولڻ،
جڻ تـہ ڳولڻ آهي ڏٺي سان سچ.

*

شعر اڪري ٿو دل مان منهنجي ايئن،
نڪتو جيئن هـو تنور مـان طـوفان.

(٢) تشبيه مشروط: جڏهن ڪنهن هڪڙيءَ شئي جي ٻيءَ سان ڪن شرطن هيٺ مشابهت ڪجي، ۽ جنجي تہ هيءَ هن جهڙي آهي، بشرطيڪ هوءَ ائين هجي. مثال:

چنڊ جهڙو آهين تون، جي چنڊ کي نوبي هجي،
سروَ جهڙو آهين تون، جي سروَ رکندو هوئي قبا.

*

جيڪڏهن ڳالهائي ڪيولي، وار ڪي جي ساهہ هوئي،
ڳالهائيندڙ آءٌ سا ڪيولي، ساهہ وارو آءٌ سو وار.

(٣) تشبيه الڪنايه: يعني ڪنايه واري تشبيه، جنهن ۾ اشاري سان مشابهت ڏجي، ۽ حرف تشبيه ڪم ۾ نہ اچي. مثال:

چنڊ چوڏهينءَ جي تي ڪڏهن مشڪ جي ميٽي وجهين،
يعني ڳلن تي — يعني سڙهو انو
سج ٻهرڻ جي کي ڪڏهن برقعي جي ڪڪرن سان ڍڪين،
ڪڏهن ڪيلي لعل ۽ هيرن سان بدخشان کــي لٽين،
ڏندن سان
ڪڏهن روئي موتين سان تون دريا کي شرمندو ڪرين.
هنجن سان

*

چيلهہ ۽ رانــن جــو ان مــي آءٌ ڪريان ڪهڙو بيان،
ڪنهن ڏٺو آهي جبل ڪو، تہ ڪندو هڪ وار مان.
رانون — چيلهہ
تـر مثان اکـ جي جـو آهي تنهنجي، ڏسجي ٿـو غلط،
سهوَ ڪاتب آهي ڪئي، جو عـيـن تـي نقطو ڏنئين.
اک

*

شڪستو منهنجي نه دل ڪي ڪريو اي سنگدلو!
ڇو خدا کان، ڪريو ڪو خدا جي گهر جو لحاظ.
يعني دل
[حديث موجب ڪعبو يا بيت الله]

(٤) تشبيه التسويه: يعني برابريءَ واري تشبيه، جنهن ۾ هڪڙي صفت پنهنجي ۽ هڪڙي محبوب يا موصوف جي وٺي ۽ ٻنهي کي ٻينءَ هڪڙي شئي سان مقابلو ڪري ۽ برابر ڄاڻي.

مثال:

اقطي دل پنهنجي سان، مون چيو 'وات تنهنجو جوڙيان آءٌ'،
چيئين کلي، 'سگهندو جڙي ڪين، وات هڪ نقطي منجهان'؛
وار جهڙي جسم پنهنجي سان چيم، 'جوڙيان آءٌ چيلهه'،
چيئين کلي، 'آهين چريو، ڪيئن چيلهه جڙندي وار مان'!

*

آسماني چنڊ جان چمڪن ٿو تون،
آسماني چرخ جان آءٌ ٿو ڦيران؛
پر نياني نقش جان تون حسن ۾،
پر نياني تند جان آءٌ ضعف کان.

*

منهنجي دل جان تنگ آهي تنهنجو وات،
ٻٽ سنهو منهنجو ٻيو، تنهنجي چيلهه جان.

(٥) تشبيه العڪس: يا عڪس واري تشبيه، جنهن ۾ شاعر ٻن شين مان هڪڙيءَ کي ٻيءَ سان ۽ وري انهيءَ کي پهرين سان مقابل يا مشابه ڪري. مثال:

گهوڙن جي سنبن سان ويا جبل پٽجي ۽ ٿيا غار،
ماڻهن جي مڙهن سان ڀر پريا غار جبل ٿيا.

*

ڌرتيءَ جان فلڪ خاڪ کان گهوڙن جي سيه فام،
مردن جي ڌڪن ڌرتي فلڪ جان ڪئي بي آرام.

*

شام ڏسڪي صبح جان پوشاڪ زرد،
صبح سينه پوش ٿيو شام جان.

(٦) تشبيه الاضمار، يا باطني تشبيه، جنهن ۾ هڪڙي شئي کي ٻيءَ سان ظاهري طرح مشابه ڪجي ۽ انهيءَ ۾ ڪو عيب ڪڍجي يا اعتراض آڻجي، مگر باطني طرح ائين ڪرڻ مان تعريف جهڙو مدعا هجي. مثال:

چپ مٺا، نالو مٺو، پوءِ ڪيئن ڪڙا ٿيا تنهنجا ٻول،
نرم ۽ نازڪ بدن، پوءِ پٿر ڪيئن ٿيو تنهنجو دل!

رباعي

جي چنڊ ۽ شعاع شمع جو تو وٽ ٿيو،
گهٽجان ۽ پتران پوءِ، تڏهن آءٌ چئو ٿيو،
جي شمع تون آهين، جو پتران پيو ٿو آءٌ،
جي چنڊ تون آهين، جو وچان آءٌ گهٽبو.

*

مست عاشق آءٌ، ڪيو مڪڙيءَ گريبان چاڪ چو،
نيس ڪنئل آءٌ، پوءِ چو لالا سو ٿيو خوني ڪفن،

(٧) تشبيه التفصيل يا مغالطه، جنهن ۾ ٻن يا ٻين هڪڙي شئي کي ٻيءَ سان مشابهت ڏجي، پوءِ وري ڦري پاڻ کي غلط سمجهي ٻي ڳالهه ڪري، جنهن مان اڳين کان به زياده صفت نڪري يا بهتر تعريف نڪري. مثال:

قد ۾ سرو ته جون هن کي،
شڪل ۾ چنڊ ته انهيءَ کي سڏين،
پر ڪمر سروَ ڪين ٻڌندو آهي،
چنڊ ٽوپي ڪڏهن ڏٺي تو ڪين.

*

چنڊ جو ڏهينءَ جو آهي تنهنجو مکڙن،
پر پڇاڙيس آءٌ، ائين چئو مون غلط،
چنڊ ۾ داغ، مکڙن ۾ تِس چاهون،
روشنائي منجهس ٿي تنهنجي فقط.

*

سروَ ڪي ٿيا سڌيون يار جو قد،
پر آهي سروَ اڻچليل ’ڪاٺي‘.

*

سروَ جهڙو آهين، پر ٿئي سروَ ڪي رفتار ڪاٿي،
چنڊ جهڙو آهين، پر ٿئي چنڊ کي گفتار ڪاٿي.

*

وات ان جي، جي مٺان آءٌ تير ڏسي ٻاجهي ويس،
ڪو نه ٿيو ڪڏهن اڪر تمي ميم جي نقطو ڏٺي.

آهي وات گل جهڙو تنهنجو اي يار،
۽ مُرڪڻ جان آهن پنهنجي تنهنجا گل،

آهي وات گل، پر ٽڙيو ڪين اهيا،
آهن مرڪيون گل، پر مي آهن ٽڙيل.

٣. صنعت استعارو: لفظي معني اڌارو گهرڻ، اصطلاحي معني هيءَ آهي ته ڪنهن لفظ جي حقيقي معني ڪڍي، اڌاري طرح ڪم آڻجي. تشبيه ۽ استعاره ۾ هي فرق آهي ته تشبيه ۾ هڪڙي شئي ٻيءَ شئي جهڙي يا مشابه چوڻ ۾ ٿي اچي؛ جيئن ته ’شينهن جهڙو مڙس‘ ۽ استعاره ۾ مڙس کي خود شينهن چوڻ ۾ ٿو اچي، ۽ حرف تشبيه جو ڪم ۾ ڪونه ٿو اچي. مثال:

’لطف جو ٻاچو‘ يتيمن جي مٿي تي تون پکيڙ،
’ستر جي دامن‘ سڀ عيبن تي پين جي تون وڇاءِ.

*

’ذرباهه حرص جي‘ ۽ ’واءُ هٺ جي‘ سان ٿي مخول،
جو ’ماڙي عمر جي‘ مٽيءَ جي آهي پائيءَ تي.

*

رجهولي دنيا جي‘ خلق کان خالي،
’ٻيٽ ڏرتيءَ‘ جو ٻن پريو نه اچيا (طاعون جي اثر کان).

*

وڄ هڻن ۾ انس، ڪڪر مُنهن تي،

يعني ترار    سهڙ

چنڊ مٿي تي ۽ چرخ ران جي هيٺ.

تاج    گهوڙو

*

چنڊ يا مرجان جي چنبي ڪڪر ڪاري مان ڪيئن سوتي،

سيندي لڳل هٿ    وارن    ڦڙا پاڻيءَ جا

۽ ڪاري مشڪ جهڙي رات مان چنڊ نڪري ظاهر ٿيو.

مٿي جا وار    مُنهن

*

چنڊ ٿئون آئي ڪرين چوڏهينءَ جي چنڊ کي وڃهو تون،

اگر    پيشاني يا مُنهن

تڏهن چڱيا ڪيئي ڪتين جا سج مان هڪدم ٿا ٽيمن،

ٻڪهر جا ڦڙا    منهن يا پيشاني

*

رت وسي مينهن جان، جڏهن چمڪندي شمشير جي برق،

رت ۾ ٻڏندا اچن ٿا ڏسجن هتي فولاد ۾ غرق.

زره پهريل پهلوان

*

جسم تنهنجو آهي ٻيڙي ۽ هي جڳ آهي درياءَ،

عمر تنهنجي واءُ آهي، ۽ تون سوداگر آهين.

*

شڪستي دل کي نيت عيد آهي ڪانه چو نہ تڏهن گهرجي،

'مٺائي نااميديءَ' جي ۽ 'حلوو نامراديءَ' جو.

*

سخن سچ آهي جو اُبري لهي ٿو،

اَلهندو ڪڏهن اُبرندو وات ان جو.

*

’فلڪ جي خوان تي سج چنڊ ٻہ مانيون‘،
انهن مان هڪڙي آهي گرم، ٻي سرد.

٣- صنعت ڪنايه: يعني اشارو ڏيڻ ۽ چٽو بيان نہ ڪرڻ. مثال:

طبع ان جي کي سڏ قوت، ۽ وات ان جي کي چؤ لذت،
انهيءَ جي اک کي سڏ لالا، انهيءَ جي مغز کي عنبر.

٤- صنعت مجاز مرسل: جڏهن استعاره وانگي ڪي لفظ غير معمولي معنيٰ سان ڪم اچن، جيئن تہ سبب جي جاءِ تي سبب وغيره. مثال:

عشق جو بحر هو ۽ عقل جي ڪانُ،
شرع جي اک ۽ دين جو جان.

٥- صنعت متضاد: هن کي تضاد، طباق، تطبيق، مطابقه ۽ اخذيج بہ چون. هن صنعت ۾ اهڙا لفظ ڪم ايندا آهن، جي هڪٻئي جا ضد هوندا آهن. مثال:

عدل ٻڏرو سندس، ۽ ظلم گجهو،
جنگ تسوري سندس، ۽ صلح گهڻو.

*

دوست سان آهي سرد پاڻيءَ جيان،
پاهر جيان گرم آهي دشمن سان.

رباعي

نہ آهي فنا ۽ فقر جنهن جي آئين،
نہ صحو نہ محو تنهن کي ۽ شڪ نہ يقين،
نہ علم نہ جهل، نہ حقيقت نہ مجاز،
نہ ڪشف نہ اعجاز ۽ نہ ڪفر نہ دين.

قطعو

ڪڏهن راحت تہ دنيا ۾، ڪڏهن رنج،
ڪڏهن ڏني مفلسي، ۽ ڏني ڪڏهن گنج.
ڪڏهن بيداد هڪ جو، ٻئي جو تہ داد،
ڪڏهن بيمار هڪڙو، ٻيو رهي شاد.

*

هي ڌرتي ٿو ڏسان، پيا آهي آپ هي،
نه ڄاڻان ٿو، هو آپ آهي يا ڌرتي.

٨. **صنعت ايهام:** هن کي 'تخيل' به چوندا آهن. هن ۾ اهڙا لفظ ڪم اچن ٿا جن جا ٻه مطلب هجن: هڪڙو ويجهو، ٻيو پرانهون. پڙهندڙ ويجهي معنيٰ سمجهي، پر شاعر جو مطلب پرانهون هجي. مثال:

ڪيرڙ آهي ستارو ۽ مضبوط،
وڻ به ۽ نالو به
ڏس ته کهڙا نه، ٿس ٿلها ڏونرا.
ٻانهون ۽ ڪرڙ جو ڦر

*

لازم آهي دال ڌارا پيو نه ڪاڏو ڪاڻي زال،
اکر ۽ ڪاڏي جي دال — ذال اکر ۽ عورت
ڳڏ اصل پيدا ٿيا چاڻن ڪڻاٻي تن جو حال.

*

ڳنڍي وٺي مُشڪ جيان خطا ۾ سڀ عمر،
گناهه به ۽ ولايت به
وارن ۾ سفيدي ۽ سياهي دل ۾.

*

سڱيو يا ڳيٽ نه جڙ ڪوريءَ کي، تيو جيتري ڦير ۾ ڳرچ،
سندس ٿيو اجي پيڻو پٽ، وٽس تڙو ۽ اڏ اڪ ٿيو.
ڪورين جو سامان — ڪورين جو ترو — ڪورين جو
به ۽ چگو بن به — ۽ ڪلنگي — اوزار ۽ نالو

*

سنجهه تصوف پير وانگي ڪاملن سان ڳنڍيو رکي،
ڏس ته ڪئين پيوند سان سنڌي به صوفي ٿيو پوي.
ڳنڍ به ۽ قلم به — ساڌو به پورا — درويش به ۽ پير به

*

غرق رت ۾ اهو مصحف جيهو رخ سارو هو،
عضوو هرهڪ تنهن پُرنُور جو سي پارو هو.

ٽيهه ٽڪر ۾ قرآن جو جزو هو

*

خلوت ۾ رکين تون دل پلي، قرآن وانگي "جمع،"
نازل ٿيسن انجمن ۾، تہ سي پارا ٿي تون پوء.

جمع جو ضد ۽ قرآن جا جزا ۾

*

سڳن پائن ۾ نٿي اخلاق جو فرق،
ڪنهو ۽ گل پٽي هڪ ماڻ جا پٽ.

نالا مالهن جا ۽ وڻن جا پاڙا ۾

*

جڏهن ڪان پيٺي مون کي ملڪ نيم شب جي خبر،
تڏهن ڪان وسري مون کي ملڪ نيم روز ويو.

ملڪ جو نالو ۽ ۾ پهر ۾

*

زلف جي اونده ڪان نڪري منهن ان جي جو وٽ،
واسطا وٽ، اي گنجا عاشق، خدا جا اسم وار.

وارڻ مان امر ۽ وار ۾

*

خط وڌيو پڻ زلف ۽ ڪاڪل وڌيا، گيسو وڌيا،
حسن جي سرڪار ۾ جيڪي وڌيا، هندو وڌيا.

هندو ماڻهو ۽ ڪاري رنگ جون شيون ۾

۽ صنعت لف و نشر: لفظي معني ويڙهڻ. وري کولي پکيڙڻ. اصطلاحي معني موجب پهرين ڪي شيون گڏ آڻي ۽ پوء انهن کي ڌار ڪرڻ. مثال:

دوست دشمن تنهنجي جا ڏينهن رات جان ۽ دل هجن.
وعدي ۽ دڙڪي ڪان شل هجي نئور ۾، هو نار ۾.

*

جنهن تي نالو تنهنجو ٻڌو، دنيا ۾ عزت ان لڌي،
پر نه ڏٺا، جي ٿيا هٿ تنهنجي ۾ خوار ۽ خراب.
ڏسي سگهيا

*

هُما جي پاڇي ۾ دشمن سدائين تنهنجو رهي،
مٿي انهيءَ جي جڳهن ڪانئن هڏيون، جو ڪاهي اچي.

*

وڃ تون دولتمند وٽ فقط قضا حاجت جي لاءِ،
گهرج لاهڻ ۽ نورو ڪرڻ
گهر تونگر جو حقيقت آهي هڪڙو جا ضرور.
گهرج سلڻ جي جاءِ ۽ ڪاڪوس

*

جيم سڄڻ کي لي، وڃي ماڻ رقيب ڪار منهين،
جيائين مرڪي، ته هو پڻ مون کي چوي ٿو ائين.

قطعو

ٻه هيون هڪڙي شخص جون زالون،
هڪڙي نالي سڀاڻي ۽ ٻي ڪاتون.
ساٿهو هڪ، هڪ دفعي وٽس آيو،
هيون ڏٺيون ات رکيل مٿانئس جون.
هن مٿانئس جي ڪئي صلاح ان کي،
هن جيسو آهي بڪ ڪٽي اڄ مون.
جي گهرين ٿو مون کي تون ڪارائڻ،
ته سياڻي مون کي ڏي ٻيا ڪاتون.

سپ ۽ زال جو نالو | تون ڪاٽ ۽ زال جو نالو

۱۳. صنعت ادماج: لفظي معني لپيٽڻ، اصطلاحي معني موجب اهو ڪلام جنهن مان ٻه مطلب نڪرن، پوءِ تعريف هجي يا گلا. مثال؛

*

ڪيو ذڪر چنڊ جو مون، ڪنها يار زلف منهن تان،
ٿيو 'سوال آسمان' جو، ۽ 'جواب ريسمان' جو.

*

سوہڻ سهڻن جي آهي دل ئي اکين،
جا ڪجي 'هڪ انار سؤ بيمار'.

*

ٿئي عبث تسبيح ڦيرائڻ اکين جي آب ري،
'رنج ڦارا ڏس ادا ساوا ڪي داڻا ٿي سگهن'.

*

دل نيّن، لاهه دوست آيو، ڀورين نيائين عقل ڪي،
چور 'ڏاهو ڀورين چوريءَ کان اڳهائي ٿيو' ڏيو.

*

دل مين عضون جي خادم، پر بدن جي ئي رئيس،
'سيد القوم' آهي 'خادمهم' مثال ان جو اهو.

رباعي

شيعن ۽ سنين جا معاملا ٿيا مشهور،
آهن ڪتن ٻلن جا جهيڙا مشهور،
ڪنهن جو نہ تعصب رکي ڏاهو ماڻهو،
ٿيو 'ماس ڳڙهہ جو، ڏند ڪتي جا، مشهور.

۲۵- صنعت ارسال المثلين: جڏهن هڪڙي ئي بيت ۾ ٻہ مثل ڏنا وڃن. مثال:

قدر موتيءَ جو بحر ۾ کهڙو،
کان ۾ قدر کهڙو مون سندو.

*

نادان کي ڪرڻ ڪا نصيحت اجائي آهہ،
ٻيري ۾ جڻ هوا ٿي، پا پالي ڀرون ۾.

*

جـي کو نالائق سٺي لائـق کان وڃي عيب ناهي،
ڪـک تري درياءَ تـي، مـوتـي تري ۾ تـو لهي.

٣٦- صنعت سوال و جواب: جڏهن مصرع يا بيت يا ساري غزل ۾ سوال ۽ ان جو جواب ڏنو ويو هجي. مثال:

سڄڻ پنهنجي ڪي چيم اي، جـو تنهنجو ڪونهي نظير،
چو تنهنجي زلف جي ڪڙين ۾، منهنجي دل ٿي اسير؟
چيائين عـشـق ۾ پـئـي تنهنجي دل ٿـي ديـوانـي،
هـمـيـشـه پـيـر ۾ ديـوانـي کي پـوي زنـجـيـر.

*

چيئين، اچ ته ڪوار، چيو مون اڪين سان،
چيئين، غم نه ڪو ڪار، چيو مون اڪين سان!
چيئين، برقعو لاهيان، چـيـم لـطـف تنهنجو،
چيئين، ڏس تون پئي يار، چيو مون اڪين سان!
چيئين، چـو روئين تـو، چيـم هجر ۾ هڪس،
چيئين، هاڻ خوش گهار، چيو مون اڪين سان!
[سارو غزل]

*

هـهـڙو مفلس پـلا آهـيـان آءُ چـو،
خـود فـروشـي ٿئي اچـي مون کي.

*

مون کي ميخوار ڪيو، ڪنهن ڪيو، دلدار ڪيو،
مست سـرشـار ڪيو، ڪنهن ڪيو، دلدار ڪيو!
پرت جـو پيالو پـيـاري، ڪيئين بيخود بيهوش،
وري هـوشيار ڪيو، ڪنهن ڪيو، دلدار ڪيو!
نـاز انـداز سـان سَن موهي، ڏ تـاري دل کي،
عـاشـق زار ڪيو، ڪنهن ڪيو، دلدار ڪيو!
[سارو غزل]

*

## سنڌي ترجمو

جي دنيا ۾ هجن سڀ اهڙيون ڳالهيون،
هجي مڙسن کان وڌ ڳالهين جي منزل.
عرب ۾ شمس مادي ۽ قمر نر،
مگر سج اصل کان ٿيو چنڊ کان افضل.

*

تنهنجو مذهب ٻيو ۽ منهنجو ٻيو،
ٿيو لکم دينکم ولي دين.

## عربي

مكافات السماحة دار خلد
و امن من مخافته يوم بوس
وما نارا بمحرقته جوادا
ولو كان الجواد من المجوس

## فارسي

مكافات جوانمردي بهشت ست
بروز خوف و امن از هيبت قبر
نسوزد آتش دوزخ سخي را
اگرچ آن نكو سيرت بود گبر

## سنڌي

جوانمرديءَ جو بدلو نت بهشت آهي،
نه آهي خوف ان کي مور کان قبر،
نه ساڙي باهه دوزخ جي سخيءَ کي،
سياڻو اهڙو جيتوڻيڪ هوئي گبر.

٢٩- صنعت مبالغه يا اغراق: هن ۾ شاعر ڪنهن جي تعريف يا ذڪر ڪندي تمام گهڻو مبالغو ڪري. جڏهن اهو حد کان وڌيڪ يا ناممڪن يا عقل ۽ عادت جي برخلاف هجي، تڏهن انهيءَ کي 'غلو' چوندا آهن. مثال:

## رباعي

پهراڻ جي بار ڪان، ڪيري آءٌ ٿو پوان،
آواز جي واءُ سان، ڪيري آءٌ ٿو پوان،
منهنجو ٿي ڪيرپو پاڇو، اڳي ڌرتيءَ تي،
هاڻ ضعف ڪاڻ پاڇي جان، ڪيري آءٌ ٿو پوان.

*

جي منهنجي آهہ جا شعلا، چڙهي مٿي ڪلہ ٿين،
تہ آسمان تي ٻيو هڪڙو سج ٿئي پيدا.

*

شاهہ جي دهشت سنجهان جي ڏٺي زماني ڪي هڪل،
ٿي ڇڄي هفتن ۾ ڏينهن جي قطارن جي مهار.

*

معجزو ڏس تون سواليءَ جو، حقي ۾ وجهي ساهہ،
جئن مسيحا جي مئن ۾، ٿو مئو ڳالهائي.

*

عجب نازڪ بدن هو يار منهنجو،
ڳرو جپ تي لڳس ٿي، پان جو رنگ.

*

قلم منهنجي سندي مس جي چڪي مک،
تہ هوند جيڪر چلڏي ساڪي وساري.

*

بلائي آهي خدا ڪئي، جو ڪين ڪيئين پيدا،
ٿي جهان هستي، راز ان ۾ حڪمت جو.

*

هجي ها جي، تہ ٿي ڏٺي چلڏي ها بخشش شاهہ،
ڪڏهن خدا جو نہ محتاج ٿئي ها ماڻهو ڪو.

٣٠. صنعت تعجب: اهو شعر، جنهن ۾ شاعر پنهنجو عجب ظاهر ڪري، يا جڏهن ڪا عجب جهڙي ڳالهہ آئي، جيئن مٿينءَ صنعت ۾ آهي. مثال:

عجب دريا اصل هي جهان فاني آهہ،
جهاز عمر جو جنهن ۾ سدا رواني آهہ.
[سارو غزل]

*

منهن بهشت آهي سڄڻ جو، مرض ڪونهي منجهه بهشت،
پوءِ عجب آهي ته ڪيئن ان جون اکيون بيمار ٿيون!

*

باطن ۽ آهين ظاهر، تنهنجي عجب هيءَ چالي.
عالم ڀريل ٿيو توسان، ۽ جاءِ تنهنجي خالي.

٣١. صنعت ڪلام جامع: اهو شعر، جو حڪمت ۽ نصيحت سان ڀريل هجي، ۽ عام سان لاڳو هجي. مثال:

قطعو

رهڻ گهرين جي سلامت سنڀال هٿ ۽ زبان،
خراب دست درازي، زبان درازي بتر،
ڀلي ڪيلي سڄو عالم، ڀليي ڀڄاڪ هٺي،
نه چائين جيڪي نه چؤ ۽ سگهين تون جيڪي نه ڪر.

*

اک ڏکڻ نيڪي بديءَ کان آهي اِنهن جو ڪمال،
عاقبت اِنا ٿيڻ لاءِ گهرجي نابينا ٿيڻ.

*

توکي خالق ڪئي عطا هڪڙي زبان آهي، ٻه ڪن،
تا تون ڳالهائين سدا هيڪوڻو، ۽ ٻڌو ٻڌين.

٣٢. صنعت تزلزل: يعني ڏڪڻ. جڏهن شاعر ڪو اهڙو لفظ ڪم آڻي، جنهن جي هڪڙي اکر جي ڦيرائڻ سان تعريف مان ڌري ڳالهه ٿي پوي: مثال:

مٺو خالي خيالن کان رکڻ جڳ ۾ ڀلي پت آهه،
مٺو خالي رکي دنيا ۾ جو، تنهن لاءِ ڀلي ڀيت آهه.

٣٣. صنعت قول بالموجب: جڏهن جيڪي چئجي، تنهن جي معني، مطلب جي برخلاف ورتي وڃي. مثال.

تون چوين ٿو دوستي توسان نه دل سان ٿو ڪريان،
سچ چوين ٿو، دل سان نه، پر ٿو ڪريان آءٌ جان سان.

سنڌي وياڪرڻ (٣ ڀاڱا) • شمس العلماء مرزا قليچ بيگ • سنڌي ادبي بورڊ



# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڻُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي

سگھن ٿا. هِين لفظن ۾ پَٺَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَٺَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَٺَ پاڻ هِڪِڙي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَٺَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَٺَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَٺَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيھ ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...

هي بيٺ اَتي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيٺُ بہ بَمَر جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَر جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهه ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ۽ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهه ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.
پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چو، چالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

**پڙهندڙ نَسُل . پ نَ The Reading Generation**